ABC
CARTL_

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه

جلد 16 | اربع 09 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 26 ربيع الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 328

# سنڌ اسيمبلي اجلاس: پيٽرول ليوي ختم ڪرڻ بابت ٺهراءُ منظور، ايم ڪيو ايم جو احتجاج

سنڌ اسيمبلي جي اجلاس دوران مختلف معاملن تي ميمبرن وچ ۾ سخت بحث، احتجاج ۽ سياسي ڇڪتاڻ ڏسڻ ۾ آئي، ايم ڪيو ايم ميمبر پنهنجي سيٽن تان اٿي اسپيڪر جي ڊائس آڏو "سنڌو ديش نامنظور" جا نعرا هنيا

سيٽن تان اٿي اسپيڪر جي ڊائس آڏو "سنڌو ديش نامنظور" جا نعرا هنيا. اجلاس دوران ڊپٽي اسپيڪر اينٿوني نويد ڪرسچن فيملي لاز بل 2026ع ايوان ۾ تعارف لاءِ پيش ڪيو

اهو هڪ تاريخي بل آهي، جيڪو ڏيڍ سئو سالن کانپوءِ ڪنهن صوبائي اسيمبلي ۾ پيش ڪيو پيو وڃي بل ۾ ڪرسچن ڪميونٽي جي شادي جي عمر پڻ طئي ڪئي وئي آهي: ڊپٽي اسپيڪر

بل جي حمايت ڪرڻ تي چرچ ليڊرشپ جو ٿورائتو آهيان، بل کي وڌيڪ غور لاءِ لاڳاپيل ڪميٽي ڏانهن اماڻيو ويو. سنڌ اسيمبلي ۾ جماعت اسلامي جي ميمبر محمد فاروق ليوي ٽيڪس ختم ڪرڻ جو ٺهراءُ پيش ڪيو

ليوي ٽيڪس ختم ڪرڻ وفاقي حڪومت جو معاملو آهي ۽ سنڌ حڪومت پاڻ ليوي ٽيڪس ختم نٿي ڪري سگهي: صوبائي گهرو وزير

پر وفاقي حڪومت کان ليوي ٽيڪس ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪري سگهي ٿي، جنهن کانپوءِ سنڌ اسيمبلي وفاقي حڪومت کان ليوي ٽيڪس ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪندڙ قرارداد منظور ڪري ورتي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ اسيمبلي جي اجلاس دوران مختلف معاملن تي ميمبرن وچ ۾ سخت بحث، احتجاج ۽ سياسي ڇڪتاڻ ڏسڻ ۾ آئي، جڏهن ته ايم ڪيو ايم ميمبر پنهنجي سيٽن تان اٿي اسپيڪر جي ڊائس آڏو "سنڌو ديش نامنظور" جا نعرا هنيا. اجلاس دوران ڊپٽي اسپيڪر اينٿوني نويد ڪرسچن فيملي لاز بل 2026ع ايوان ۾ تعارف لاءِ پيش ڪيو اينٿوني نويد چيو ته اهو هڪ تاريخي بل آهي، جيڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي جي اجلاس دوران ايم ڪيو ايم اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

### پاڪ بحريه علائقائي امن جي فروغ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي: صدر زرداري

ڪراچي (رپورٽر) صدرِ مملڪت آصف علي زرداري يومِ بحريه جي موقعي تي پاڪ بحريه جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

### صحت جي شعبي کي "سڪ ڪيئر" مان ڪڍي "هيلٿ ڪيئر" ڏانهن وٺي وڃڻو پوندو: مصطفيٰ ڪمال

اسلام آباد (بيورو) قومي صحت واري وفاقي وزير سيد مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته صحت جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

## شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ حڪومت جي اولين ترجيح آهي: وزيراعظم

حڪومت اسلام آباد پوليس کي جديد پوليسنگ جي گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ جي لاءِ هر ممڪن وسيلا فراهم ڪري رهي آهي

اسلام آباد پوليس کي جديد، محفوظ ۽ ماحول دوست پوليسنگ جي فروغ جي لاءِ 50 اليڪٽرڪ گاڏيون فراهم ڪيون ويون

شهباز شريف اليڪٽرڪ گاڏين جون چاٻيون وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ۽ انسپيڪٽر جنرل اسلام آباد پوليس سيد علي ناصر رضوي جي حوالي ڪيون

وفاقي گادي واري شهر ۾ شهرين کي محفوظ ماحول جي فراهمي جي لاءِ پوليس کي جديد ٽيڪنالاجي، ساز ۽ سامان ۽ ٻين ضروري وسيلن سان ليس ڪيو پيو وڃي

اسلام آباد پوليس کي فراهم ڪئي ويندڙ نئين اليڪٽرڪ گاڏين جو مقصد پوليسنگ جي نظام ۾ ماحول دوست ۽ گرين پوليسنگ کي فروغ ڏيڻ آهي

جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال سان پوليس جي ڪارڪردگي ۽ شهرين کي فراهم ڪئي ويندڙ خدمتن ۾ وڌيڪ بهتري ايندي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ حڪومت جي اولين ترجيح آهي، حڪومت اسلام آباد پوليس کي جديد پوليسنگ جي گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ جي لاءِ هر ممڪن وسيلا فراهم ڪري رهي آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم اهڙن خيالن جو اظهار هتي اسلام آباد پوليس کي اليڪٽرڪ گاڏين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف پوليس کي اليڪٽرڪ گاڏين جي چابي ڏئي رهيو آهي

### اسلام آباد کي نئون وفاقي يونٽ ناهڻ جي تجويز، 13 عالمي راڄڌانين جو جائزو

اسلام آباد ڪيپيٽل ٽيريٽري گورنمنٽ جي حوالي سان سفارشن کي حتمي شڪل ڏئي سگهجي

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد کي نئون وفاقي يونٽ ناهڻ جي تجويز جي حوالي سان 13 عالمي راڄڌانين جو جائزو ورتو ويو وزيراعظم طرفان جوڙيل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

### جماعت اسلامي حڪومت کي تجويزن تي غور لاءِ 10 سيپٽمبر تائين جو وقت ڏئي ڇڏيو

رات جي اونداهي ۾ هڪ دفعو ٻيهر تارو هنيو ويو. پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ اضافو ڪيو ويو: لياقت بلوچ

حڪمرانن بي حسي جو جنازو ڪڍي ڇڏيو آهي حڪومت عوام تي بار وجهڻ جي بجاءِ پنهنجي غيرضروري خرچن ۽ عياشين ۾ گهٽتائي ڪري

جماعت اسلامي طرفان پيش ڪيل تجويزن تي عمل ڪرڻ سان اربين روپين جي بچت ممڪن آهي

لاهور (م د) پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ تازي اضافي ۽ ڳري پيٽروليم ليوي خلاف جماعت اسلامي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

### وفاق کي پاڪستان جي ٻارن لاءِ صوبن جي سنجيدگي سان مدد ڪرڻ گهرجي: سردار شاهه

سيد سردار علي شاهه ڪراچي ۾ عالمي خواندگي واري ڏينهن جي تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت

سنڌ جي تعليم واري وزير عالمي خواندگي واري ڏينهن تي تعليم جي واڌاري لاءِ ڪم ڪندڙ فردن ۽ ادارن کي خراج تحسين پيش

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه ڪراچي ۾ عالمي خواندگي واري ڏ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

لاهور: وزيراعظم جو صلاحڪار راڻا ثناءالله نائب امير جماعت اسلامي لياقت بلوچ سان ملاقات ڪندي

### ايران تي آمريڪي ۽ اسرائيلي حملن خلاف اسلامي ملڪن کي ذميوارانه ردعمل ڏيڻ گهرجي: عباس عراقچي

اسلامي ملڪن کي ايران جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي ڀڃڪڙي تي ذميوارانه ردعمل ڏيڻ گهرجي

عباس عراقچي او آءِ سي جو سيڪريٽري جنرل مقرر ٿيڻ تي حسين ابراهيم طٰحٰ کي مبارڪباد ڏني

تهران (م د) ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي اسلام/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

### اڊيالا جيل سيڪيورٽي سخت، 435 اهلڪار مقرر، چيڪ پوسٽون قائم

دگل، گيٽ نمبر 1، گيٽ نمبر 5، دواسازي فيڪٽري ۽ گورکپور جي هنڌن تي چيڪ پوسٽون قائم ڪيون وينديون

خانگي هائوسنگ سوسائٽي فيز 8، چڪري ۽ ٽاليان ۾ اضافي چيڪ پوسٽون پڻ قائم ڪيون وينديون

راولپنڊي (م د) راولپنڊي ۾ اڊيالا جيل جي سيڪيورٽي کي وڌيڪ سخت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، پوليس ذريعن موجب اڊيالا جيل جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

### ڏکڻ پنجاب ۽ بهاولپور جون صوبائي قراردادون پرائيون ۽ عملي حيثيت وڃائي چڪيون آهن: راڻا ثناءالله

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم جي سياسي معاملن واري صلاحڪار راڻا ثناءالله چيو آهي ته ڏکڻ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

### اسان صوبا ٺاهڻ جي خلاف نه آهيون پر وقت ۽ حالتن کي به ڏسڻ گهرجي: مولانا فضل الرحمان

هڪ طرف ڪو به فيصلو نه مڙهيو انهي تي بحث ٿيڻ گهرجي. مولانا فضل الرحمان لاهور ۾ وحدت روڊ ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾ ختم نبوت ڪانفرنس ۾ خطاب

ملڪ کي سياسي حوالي سان ڪمزور ڪيو ويو، عوام آهي ته رياست آهي، اسان يونٽ ٺاهڻ جي خلاف نه آهيون

لاهور (م د) جمعيت علماءِ اسلام جي سربراه مولان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

لاهور: جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان جلسي کي خطاب ڪندي

### سعودي تي حوثي باغين جو وڏو حملو، ڊرون ۽ ميزائل فائر ڪرڻ جي دعويٰ، 73 زخمي

گذريل ٽن ڏينهن دوران يمن تي سعودي عرب جي 120 کان وڌيڪ حملن جي جواب ۾ سعودي عرب جي اقتصادي ۽ فوجي هدفن تي درجنين ڊرون ۽ ميزائل فائر ڪيا

يمني هٿياربند فوج ڊگهي فاصلي تائين مار ڪندڙ وڏي پئماني جي فوجي ڪارروائي ڪئي، جنهن ۾ درجنين بيلسٽڪ ميزائل ۽ ڊرون استعمال ڪيا ويا: حوثي فوجي ترجمان

حملن ۾ سعودي عرب جي مختلف اقتصادي ۽ فوجي هدفن کي نشانو بڻايو ويو ۽ حملن جو مقصد تازن سعودي حملن جو جواب ڏيڻ هو

رياض (م د) يمن جي حوثي باغين دعويٰ ڪئي آهي ته هنن گذريل ٽن ڏينهن دوران يمن تي سعودي عرب جي 120 کان وڌيڪ حملن جي جواب ۾ سعودي عرب جي اقتصادي ۽ فوجي هدفن تي درجنين ڊرون ۽ ميزائل فائر ڪيا آهن. حوثي فوج جي ترجمان يحيٰ سريع چيو آهي ته يمني هٿياربند فوج ڊگهي فاصلي تائين مار ڪندڙ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

### سنڌ ماءُ آهي، وڪيل قوم سان گڏ روڊن تي هوندا"، هاءِ ڪورٽ بار جو عدالتي ڪاررواين جي بائيڪاٽ جو اعلان

سنڌ جا وڪيل ڪنهن به صورت ۾ سنڌ جو ورهاڱو ٿيڻ نه ڏيندا، وڪيل برادري سنڌ جي عوام سان گڏ هر فورم تي آواز اٿاريندي: اياز ٽنيو

سنڌ اسان جي ماءُ آهي، وڪيل برادري سنڌ جي ماڻهن سان گڏ روڊن تي هوندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ بار حيدرآباد پاران سنڌ جي امڪاني ورهاڱي ۽ سيپريشن خلاف سياڻي باضابطا طور عدالتي ڪاررواين جي بائيڪاٽ جو اعلان

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ بار جي صدر اياز ٽنيو چيو آهي ته سنڌ جي ورهاڱي بابت ڪو به زبردستي فيصلو مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته ڀرپور احتجاج ڪيو ويندو هن چيو ته سنڌ جا وڪيل ڪنهن به صورت ۾ سنڌ جو ورهاڱو ٿيڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

### ملڪ جي ترقي لاءِ عورتن جو ڪردار تمام ضروري آهي: گورنر سنڌ

سچ جي جدوجهد کان پوءِ پاڪستان جو نالو سڄي دنيا ۾ بلند ٿيو آهي: ڊاڪٽر فرحان عيسيٰ

معاشري جي ترقي لاءِ باصلاحيت ماڻهن جي حوصلا افزائي ۽ انهن جي خدمتن جو اعتراف تمام ضروري آهي: عارف حبيب

پاڪستان جي آزادي ۽ خودمختياري اسان جي عظيم شهيدن جي لازوال قربانين جو ثمر آهي: ڊاڪٽر نيئر جبين

ڪراچي (رپورٽر) ڊاڪٽر عيسيٰ ليبارٽري اينڊ ڊائگنوسٽڪ سينٽر ۽ نيا ناظم آباد گڏيل طور تي "عزم پاڪستان" جي عنوان سان هڪ شاندار تقريب ۽ خانداني ڪارنيول جو انعقاد ڪيو. جنهن جو مقصد پاڪستان جي شهيدن کي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

6TH SEPTEMBER, 2026
ORGANIZED BY
DISTRICT SPORTS OFFICER KARACHI CENTRAL

ڪراچي: اسٽريٽ چلڊرن فٽبال ايونٽ ۾ ونرن کي شيلڊون ڏنيون پيون وڃن

### ڪراچي: دفاع جي ڏينهن تي ٻن ڏينهن وارو اسٽريٽ چلڊرن فٽبال ايونٽ ختم ٿي ويو

تقريب ۾ ڪراچي ڊويزن جي سيني ضلعن مان چونڊ ڪرن جي 20 ٽيمن حصو ورتو

حسيني فٽبال ڪلب فائنل کٽي ورتو ۽ ٽائيٽل پنهنجي نالي ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي رانديون ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي پاران ۽ سينٽرل ضلعي جي ضلعي اسپورٽس آفيسر، حاجران نواب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

### علي حسن زرداري جو سينٽرل جيل حيدرآباد جو دورو، قيدين جي سهولتن ۽ کاڌي جي معيار جو جائزو ورتو

جتي هن صفائي سٿرائي جي انتظامن، خوراڪ جي معيار، استعمال ٿيندڙ شين ۽ کاڌو تيار ڪرڻ جو مڪمل جائزو ورتو

قيدين کي قانون ۽ مقرر ڪيل ضابطن موجب معياري، صاف سٿري ۽ متوازن خوراڪ جي فراهمي هر صورت ۾ يقيني بڻائي وڃي

صوبائي وزير جيل ۾ قيدين سان ملاقات لاءِ آيل ملاقاتي ماڻهن ۽ وارثن سان پڻ ملاقات ڪئي

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ جي صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري اڄ سينٽرل جيل حيدرآباد جو دورو ڪري قيدين کي فراهم ڪيل سهولتن، انتظامن ۽ جيل جي مجموعي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو. دوري دوران صوبائي وزير علي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

### ڪراچي ڪي ايم سي هيڊ آفيس ۾ باهه، ميئر مرتضيٰ وهاب جي آفيس سڙي رک

ايم اي جناح روڊ وٽ ڪي ايم سي هيڊ آفيس ۾ ميئر جي آفيس سان لاڳاپيل ڪچن ۾ باهه لڳي

جيڪا تيزي سان آفيس واري حصي تائين پکڙجي وئي ٻن فائر ٽينڊرن جي مدد سان باهه تي ضابطو آندو ويو

ٻن فائر ٽينڊرن جي مدد سان باهه تي ضابطو آندو ويو، واقعي ۾ ڪنهن به جاني نقصان جي اطلاع ناهي مليو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) جي هيڊ آفيس ۾ باهه لڳڻ سبب ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب جي آفيس مڪمل طور سڙي وئي. ايم اي جناح روڊ وٽ ڪي ايم سي هيڊ آفيس ۾ ميئر جي آفيس سان لاڳاپيل ڪچن ۾ باهه لڳي، جيڪا تيزي سان آفيس واري حصي تائين پکڙجي وئي ٻن فائر ٽينڊرن جي مدد سان باهه تي ضابطو آندو ويو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

### "باهه لڳندي آهي يا ڏني ويندي آهي" باهه واقعي تي مرتضيٰ وهاب جو ردعمل

باهه اوچتو لڳي ٿي يا لڳائي وئي ٿي، ان جي حقيقت جاچ کانپوءِ ئي سامهون ايندي

سنڌس آفيس ۾ موجود فائلون عام طور تي بنا صحيح جي هونديون آهن

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ڪي ايم سي هيڊ آفيس ۾ باهه لڳڻ کانپوءِ هاڻي اهو الزام نه لڳي وڃي ته ڪو رڪارڊ سڙي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

### امن امان لاءِ انٽيليجنس تي ٻڌل ۽ ٽارگيٽيڊ ڪاررواين جو دائرو وڌيڪ وڌايو وڃي: صوبائي گهرو وزير

سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار جي صدارت هيٺ سينٽرل پوليس آفيس ۾ امن امان بابت هڪ اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو

مجموعي صورتحال، ڌوهن خلاف پوليس آپريشن، اسٽريٽ ڪرائم، ڦر ۽ ڌاڙن جي روڪٿام ۽ سيڪيورٽي قدمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

اجلاس ۾، سنڌ جي گهرو وزير هدايت ڪئي ته شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ ڏوهاري عنصرن خلاف ڪارروائي کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي

اسٽريٽ ڪرائم، ڦر ۽ ڌاڙن کي روڪڻ لاءِ اثرائتي ۽ ڪارآمد حڪمت عملين تي سختي سان عمل ڪيو وڃي. ضياءُ الحسن لنجار

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار جي صدارت هيٺ سينٽرل پوليس آفيس ۾ امن امان بابت هڪ اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو، جنهن ۾ صوبي ۾ امن امان جي مجموعي صورتحال، ڌوهن خلاف پوليس آپريشن، اسٽريٽ ڪرائم، /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ڪراچي: سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار جي صدارت هيٺ سينٽرل پوليس آفيس ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

### وفاقي گهرو وزير اسلام آباد پوليس جي ڪميونيڪيشن اينڊ ڪوآرڊينيشن سينٽر جو افتتاح ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي اسلام آباد پوليس جي جديد ڪمانڊ، ڪنٽر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

### مولانا فضل الرحمان 19 ۽ 20 سيپٽمبر 2026ع تي پشاور ۾ مرڪزي مجلس عمومي جو اهم اجلاس طلب ڪري ورتو

ڪراچي (رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام پاڪستان جي مرڪزي امير مولانا فضل الرحما/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

### سنڌ ۾ مالوندن جي ترقي لاءِ هڪ اهم قدم، مالوند کاتي ۽ فنگورو خانيوال جي وچ ۾ هڪ معاهدو صحيح

سنڌ حڪومت ۽ فنگورو ۾ جانورن جي ڪٽائي ۽ عملي جي تربيت لاءِ ايم او يو تي صحيحون

سنڌ ۾ 30 ليٽر کير ڏيندڙ 'گير' ۽ 'گرليندو' ڍورن جا نسل متعارف ڪرائڻ جو فيصلو

تقريب جي صدارت صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز سنڌ محمد علي ملڪاڻي ڪئي

ڊائريڪٽر فارمز ڊاڪٽر جيديو ۽ رجسٽرار سنڌ لائيو اسٽاڪ بريڊنگ سروسز اٿارٽي ڊاڪٽر سعيد احمد عباسي پڻ تقريب ۾ موجود هئا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز کاتي ۽ فنگورو خانيوال جي وچ ۾ ڍورن جي ذبح ۽ عملي جي تربيت بابت مفاهمت جي يادداشت ( ايم او يو . ) تي صحيحون ڪيون ويون. ڪراچي ۾ منعقد هڪ تقريب دوران، ڊي جي لائيو اسٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڪراچي: صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي جي اڳواڻي ۾ مالوند کاتي ۽ فنگورو خانيوال جي وچ ۾ هڪ معاهدو صحيحيون ڪيون پيون وڃن

### خواجه اجمير نگري ۾ پوليس مقابلو، 3 ڌورو مارجي ويا

چار هٿياربند جوابدار عزيز آباد ۾ هڪ گودام ۾ گهڙي هڪ شهري کي ڦريو هو. ايس ايس پي سينٽرل

پوليس عزيز آباد مان جوابدارن جو پيڇو ڪري رهي هئي، پوليس مقابلي دوران ٽي جوابدار مارجي ويا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي خواجه اجمير نگري علائقي ۾ پوليس مقابلي دوران ٽي ڌاڙيل مارجي ويا. ايس ايس پي سينٽرل موجب، چار هٿياربند جوابدار /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

### نيتن ياهو حماس جي حملي جي جاچ هوندي ڪجهه نه ڪيو: اسرائيلي اپوزيشن اڳواڻ

تل ابيب (م د) اسرائيلي اپوزيشن جي اڳواڻن اڳاري ڏينهن وزيراعظم بينجمن نيتن ياهو کي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

### منگهو پير، گهر ۾ ڦر، 8 ڀينرن جو اڪيلو ڀاءُ قتل

مقتول جي سڃاڻپ 15 سالن جي روشم جي نالي سان ٿي آهي

واقعي لاءِ 6 ڌاڙيل گهر ۾ داخل ٿيا، ٻه هٿياربند ماڻهو به پوليس جي وردي ۾ هئا

ڪراچي (رپورٽر) منگهو پير ۾ هڪ گهر ۾ ڦر دوران 8 ڀينرن جو اڪيلو ڀاءُ مارجي ويو. پوليس موجب، مقتول جي سڃاڻپ 15 سالن جي روشم جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

### سون عالمي ۽ مقامي مارڪيٽ ۾ سستو ٿي ويو، چاندي جي قيمت ۾ اضافو

ڪراچي (رپورٽر) سون جي عالمي ۽ مقامي مارڪيٽن ۾ قيمت گهٽ ٿي وئي جڏهن ته چاندي جون قيمتون وڌي ويون. عالمي بلين مارڪي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

### ايران سان جنگ ۾ ڪاميابي کان پوءِ تيل جون قيمتون تيزي سان گهٽ ٿي وينديون: آمريڪي صدر وڏي اڳڪٿي ڪري ڇڏي

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ ڪئي آهي ته ايران سان جنگ ۾ آمريڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

### شاهه فيصل پل تي ڦورن جي ناڪابندي، شهرين کان ڦر

شهري ماڻهن کي اڳتي وڃڻ کان روڪيندا رهيا. اطلاع ملندي ئي پوليس اهلڪار موقعي تي پهچي ويا

فلائي اوور تي اسٽريٽ لائيٽ نه هجڻ سبب واقعا ٿين ٿا

ڪراچي (رپورٽر) شاهه فيصل ـ ڪورنگي فلائي اوور تي ڌاڙيلن شهرين کي ڦريو. پوليس موجب، ٽي ڌاڙيل روڊ بلاڪ ڪري شهرين کي ڦري رهيا هئا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

### سپارڪو جي سرپرستي هيٺ چوٿون علائقائي سمپوزيم منعقد ڪيو ويو

انهن جي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ سيٽلائيٽ مشاهدن ۽ جديد سائنسي ڊيٽا کي استعمال ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو

خشڪ سالي ۽ ٻين موسمياتي خطرن جي اثرائتي نگراني ڪرڻ ممڪن بڻائي ٿي: سيڪريٽري فيصل عاقلي

ڪراچي (رپورٽر) سپارڪو پاران ڪراچي جي هڪ مقامي هوٽل ۾ چوٿون علائقائي سمپوزيم "اسپيس فار ڪلائيميٽ" منعقد ڪيو ويو. جنهن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڪراچي: سپارڪو جي سرپرستي هيٺ چوٿون علائقائي سمپوزيم منعقد ڪيو ويو

### پيپلز پارٽي نون صوبن تي نه اڪيلو فيصلو ڪري سگهي ٿي نه معاملي کي رد ڪري سگهي ٿي: طلال چوڌري

اسلام آباد (بيورو) گهرو معاملن بابت مملڪتي وزير طلال چوڌري گهرو وزير محسن نقوي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

### نوڪري جو آسرو ڏئي عورت سان زيادتي، جوابدار جي ضمانت رد

جوابدار عاقب هڪ رڪشا ڊرائيور آهي جيڪو نوڪري جي بهاني عورت کي مڪيه جوابدار جي گهر وٺي ويو

متاثره جي ماءُ الزام هيٺ آيل ٽائون پوليس اسٽيشن ۾ ڪيس داخل ڪرايو هو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ايڊيشنل سيشن ڪورٽ نوڪري جي بهاني عورت سان زيادتي جي ڪيس ۾ جوابدار عاقب جي ضمانت رد ڪري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

### ايم ڪيو ايم اڳواڻن جي وات مان آئين، قانون ۽ جمهوريت جون ڳالهيون سٺيون نه ٿيون لڳن: گنهور خان اسران

جيڪي بدمعاشي، ڀتا، بوري بند لاشن، ڀتا خوري، هڙتالن ۽ تشدد جي سياست ڪن ٿا، اهي جمهوريت پسندن کي سياست سيکاري رهيا آهن

ڪراچي جي ماڻهن کي ياد آهي ته ايم ڪيو ايم ڇا هئي، ۽ عوام کي به خبر آهي ته اڄ ايم ڪيو ايم ڇا چاهي ٿي: سنڌ حڪومت جي ترجمان

سنڌ اسيمبلي ڪنهن به پارٽي جي اختيار ۾ ناهي ته جڏهن به چاهي پنهنجي مرضي ۽ خواهشن کي ڊڪٽيٽ ڪري هلائي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم اڳواڻن جي پريس ڪانفرنس تي سنڌ حڪومت جي ترجمان گنهور خان اسران جو رد عمل ڏنو سنڌ حڪومت جي ترجمان جو چوڻ آهي ته جيڪي ماڻهو آئين، جمهوريت ۽ پارلياماني روايتن جو حوالو ڏين ٿا انهن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

### پي ٽي آءِ 27 سيپٽمبر احتجاج، ڌرين کي نوٽيس جاري

پي ٽي آءِ جي احتجاج بابت درخواست تي اهم اڳيرائي ٿي آهي، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ڪيس جي ٻڌڻي لاءِ لارجر بئنچ جوڙڻ جو فيصلو

چيف جسٽس معاملي جي حساسيت کي نظر ۾ رکندي اٽارني جنرل کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو

چئني صوبن جي آءِ جيز ۽ ايڊووڪيٽ جنرلز کي پڻ نوٽيس جاري ڪندي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جسٽس سرفراز ڊوگر پاڪستان تحريڪِ انصاف (پي ٽي آءِ) جي 27 سيپٽمبر واري احتجاج کي آئيني بحران سان تشبيهه ڏئي ڇڏي، پي ٽي آءِ جي احتجاج بابت درخواست تي اهم ا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

اربع 09 سيپٽمبر 2026 ع بمطابق 26 ربيع الاول 1448هه

# تجربي خاطر زهر نه پيئڻ گهرجي

ملڪ ۾ نون صوبن جي قيام جو سوال ڪو معمولي سياسي نعرو يا ڪنهن وزير جي بيان بازيءَ سان طئي ٿيڻ وارو معاملو ناهي. هي اهڙو حساس آئيني ۽ سياسي مسئلو آهي، جنهن جو سڌو سنئون تعلق ملڪ جي وفاقي ڍانچي، صوبائي خودمختياري، انتظامي ورڇ ۽ عوام جي سياسي حقن سان آهي. اهڙي معاملي تي ذميوار حڪومتي عهديدارن کان سنجيدگي، تدبر ۽ سياسي بصيرت جي اميد ڪئي ويندي آهي، نه ڪي ڌمڪين، اشتعال ۽ غير ذميوار بيانن جي. وفاقي گهرو وزير محسن نقوي طرفان نون صوبن جي معاملي تي اختيار ڪيل لهجو ۽ بيانن جو انداز ڪيترن ئي سنجيده سوالن کي جنم ڏئي رهيو آهي. وفاقي گهرو وزير جهڙي اهم منصب تي ويٺل شخص جي هر ڳالهه جو اثر عام سياسي بيان کان گهڻو وڌيڪ هوندو آهي. سندس لفظن کي رڳو هڪ سياسي راءِ طور نظرانداز نٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ ته اهڙا بيان ملڪ جي مختلف حصن ۾ سياسي ۽ عوامي ردعمل کي جنم ڏئي سگهن ٿا.

خاص طور تي اهڙي وقت ۾، جڏهن ملڪ اڳ ئي سياسي ڇڪتاڻ، معاشي دٻاءَ ۽ وفاق ۽ صوبن وچ ۾ مختلف معاملن تي اختلافن مان گذري رهيو آهي، نون صوبن جهڙي حساس موضوع تي سخت ۽ چڙ ڏياريندڙ زبان استعمال ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ دانشمندي ناهي. وفاقي حڪومت جي ذميواري آهي ته اها مختلف علائقن ۽ قومن جي احساسن کي سمجهي، انهن جي سياسي حساسيت جو احترام ڪري ۽ اهڙن معاملن کي ٽڪراءَ بدران ڳالهين ۽ آئيني طريقي سان اڳتي وڌائي. محسن نقوي جو بلوچستان جي امن امان بابت ڪجهه عرصو اڳ ڏنل اهو بيان به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي، جنهن ۾ هن چيو هو ته بلوچستان جي امن امان واري صورتحال هڪ ايس ايڇ او به بهتر ڪري سگهي ٿو. ان کان پوءِ بلوچستان ۾ جيڪي حالتون پيدا ٿيون، تن ملڪ کي اهو سبق ضرور ڏنو ته پيچيده سياسي، سماجي ۽ امن امان جي مسئلن کي دعوائن يا طاقت جي اظهار سان حل نٿو ڪري سگهجي. بلوچستان جهڙي حساس صوبي جي صورتحال لاءِ سياسي سمجهه، عوامي اعتماد ۽ مستقل پاليسي جي ضرورت هوندي آهي.

نون صوبن جو قيام هجي يا ملڪ جي انتظامي ڍانچي ۾ ڪا بنيادي تبديلي، اهڙا فيصلا پارليامينٽ جي دائري ۾ اچن ٿا. ملڪ جو آئين انهن معاملن لاءِ واضح رستو فراهم ڪري ٿو. تنهن ڪري ڪنهن به غير سياسي قوت، اداري يا فرد کي پارليامينٽ جي آئيني اختيارن تي اثرانداز ٿيڻ بدران چونڊيل ايوانن کي پنهنجو ڪم آزاديءَ سان ڪرڻ ڏيڻ گهرجي. پارليامينٽ ئي اهو فورم آهي، جتي ملڪ جي مختلف علائقن، قومن ۽ سياسي ڌرين جي نمائندگي موجود آهي ۽ جتي اهڙن معاملن تي کليل بحث، اتفاق راءِ ۽ آئيني طريقي سان فيصلو ٿي سگهي ٿو.

حڪومت کي اهو به سمجهڻ گهرجي ته وفاق جي مضبوطي طاقت جي استعمال ۾ نه، پر اعتماد جي تعمير ۾ آهي. جيڪڏهن ڪنهن علائقي يا صوبي کي اهو احساس پيدا ٿئي ته سندس سياسي حقن، سڃاڻپ يا آئيني حيثيت بابت فيصلا سندس نمائندن جي مرضي کانسواءِ ٿي رهيا آهن، ته ان جا نتيجا ڪنهن به صورت ۾ وفاق جي استحڪام لاءِ فائديمند نه هوندا وفاقي وزيرن کي به پنهنجي بيانن ۾ غير معمولي احتياط ڪرڻ جي ضرورت آهي. اقتدار ۾ ويٺل شخص جي زبان مان نڪتل هڪ جملو ڪڏهن ڪڏهن اهڙو سياسي ردعمل پيدا ڪري سگهي ٿو، جنهن کي پوءِ واپس وٺڻ يا ختم ڪرڻ ممڪن نه رهندو آهي. خاص طور تي پاڪستان جهڙي گهڻ رخي وفاق ۾، جتي مختلف قومون، ٻوليون، ثقافتون ۽ علائقائي سڃاڻپون موجود آهن، حڪمرانن جي لفظن ۾ وفاقي ذميواريءَ جو احساس نمايان ٿيڻ گهرجي.

ملڪ جي تاريخ اهڙن ڪيترن ئي مرحلن جي شاهد آهي، جڏهن سياسي اختلافن کي ڳالهين ۽ آئيني رستي سان حل ڪرڻ بدران طاقت، ضد ۽ غير سياسي مداخلت ذريعي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. انهن تجربن جو نتيجو ملڪ لاءِ ڪڏهن به سٺو نه نڪتو. تاريخ کي ٻيهر ورجائڻ ۽ ساڳين غلطين کي ٻيهر آزمائڻ ڪنهن به ذميوار رياست لاءِ دانشمندي نٿي چئي سگهجي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته نون صوبن جو سوال هجي يا ڪو ٻيو بنيادي آئيني معاملو، ان تي جذبات بدران دليل، ڌمڪي بدران ڳالهه ٻولهه ۽ طاقت بدران پارلياماني عمل کي اڳتي وڌايو وڃي. وفاقي حڪومت جيڪڏهن واقعي ملڪ جي اتحاد ۽ استحڪام کي مضبوط ڪرڻ چاهي ٿي ته کيس سياسي اختلافن کي وڌيڪ ڀڙڪائڻ بدران اتفاق راءِ پيدا ڪرڻو پوندو. حڪومتن وٽ اختيار عارضي هوندا آهن، پر انهن جي فيصلن جا اثر نسلن تائين رهندا آهن. تنهن ڪري اقتدار ۾ ويٺل ماڻهن کي هر بيان کان اڳ اهو سوچڻ گهرجي ته سندن لفظ ملڪ کي گڏ ڪري رهيا آهن يا وڌيڪ ورهائي رهيا آهن. حالتون جڏهن هٿن مان نڪري وڃن ته پوءِ اختيار، حڪم ۽ ڌمڪيون به گهڻو ڪجهه واپس نٿيون آڻي سگهن. ملڪ اڳ ئي اهڙا تجربا ڪري چڪو آهي؛ هاڻي انهن کي ٻيهر ورجائڻ بدران تاريخ مان سبق سکڻ جو وقت آهي.

# عالمي سياست ۾ نئين سرد جنگ جو ماحول، ڇا دنيا ٻيهر ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي رهي آهي؟

### غلام مصطفيٰ جمالي

دنيا هن وقت اهڙي دور مان گذري رهي آهي، جتي عالمي سياست جا پراڻا اصول تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيا آهن. هڪ زمانو هو، جڏهن سوويت يونين جي خاتمي کان پوءِ آمريڪا کي دنيا جي واحد سپر پاور سمجهيو ويندو هو ۽ اهو خيال عام هو ته ايندڙ ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين عالمي سياست جو مرڪز واشنگٽن ئي رهندو، پر وقت ثابت ڪيو ته تاريخ ڪڏهن به هڪ جاءِ تي بيهي نه ٿي رهي. چين جي معاشي ۽ دفاعي طاقت ۾ واڌ، روس جي ٻيهر عالمي سطح تي سرگرم موجودگي، وچ اوڀر ۾ جاري ڇڪتاڻ، يورپ جي سلامتي بابت خدشا ۽ مختلف ملڪن جي تبديل ٿيندڙ اتحادين عالمي سياست کي هڪ نئين مرحلي ۾ داخل ڪري ڇڏيو آهي.

اڄ سوال اهو ناهي ته دنيا ۾ طاقت جو مرڪز ڪٿي آهي، پر سوال اهو آهي ته ايندڙ سالن ۾ عالمي طاقت جو توازن ڪهڙي طرف ويندو. آمريڪا پنهنجي عالمي برتري برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، چين معاشي، سفارتي ۽ دفاعي طاقت ذريعي پنهنجو اثر وڌائي رهيو آهي، جڏهن ته روس پنهنجي مفادن جي تحفظ لاءِ اولهه جي سامهون بيٺل آهي. اهڙي صورتحال ۾ دنيا ۾ اهڙو ماحول پيدا ٿي رهيو آهي، جنهن کي ڪيترائي ماهر نئين سرد جنگ سان ڀيٽي رهيا آهن.

پراڻي سرد جنگ ۾ آمريڪا ۽ سوويت يونين ٻن وڏن مخالف ڌرين جي اڳواڻي ڪري رهيا هئا. ان وقت مقابلو رڳو هٿيارن تائين محدود نه هو، پر نظرياتي، معاشي، سفارتي، خلائي ٽيڪنالاجي ۽ عالمي اثر رسوخ جي ميدان ۾ به هو. اڄ صورتحال ضرور مختلف آهي، پر بنيادي ڇڪتاڻ وري به طاقت، اثر رسوخ ۽ عالمي اڳواڻي جي چوڌاري قري رهي آهي. فرق رڳو ايترو آهي ته هن ڀيري آمريڪا ۽ روس سان گڏ چين به هڪ وڏي طاقت طور موجود آهي، جڏهن ته ڀارت، يورپي ملڪ، ترڪي، سعودي عرب ۽ ٻيون علائقائي طاقتون به پنهنجي پنهنجي مفادن موجب نئين صف بندي ڪري رهيون آهن.

چين جو عروج هن سڄي صورتحال جو سڀ کان اهم پاسو آهي. گذريل ڪجهه ڏهاڪن دوران چين جنهن تيزيءَ سان پنهنجي معيشت کي مضبوط ڪيو، صنعتي پيداوار ۾ اضافو ڪيو، جديد ٽيڪنالاجي ۾ اڳڀرائي ڪئي ۽ دنيا جي مختلف علائقن ۾ واپاري ۽ سفارتي لاڳاپا قائم ڪيا، تنهن آمريڪا لاءِ هڪ نئون چئلينج پيدا ڪيو آهي. چين هاڻي رڳو وڏي آبادي وارو ملڪ نه رهيو آهي، پر عالمي معيشت، واپار، ٽيڪنالاجي ۽ دفاع ۾ هڪ اهم طاقت بڻجي چڪو آهي. ايشيا، آفريڪا، وچ اوڀر ۽ يورپ تائين چين جي معاشي موجودگي ان جي وڌندڙ عالمي اثر جي واضح نشاني آهي.

ٻئي طرف آمريڪا پنهنجي عالمي حيثيت برقرار رکڻ لاءِ پنهنجن اتحادي ملڪن کي وڌيڪ منظم ڪري رهيو آهي. يورپ ۾ روس خلاف اولهه جو اتحاد، ايشيا ۾ چين جي وڌندڙ اثر کي محدود ڪرڻ جون ڪوششون ۽ پئسفڪ خطي ۾ مختلف ملڪن سان دفاعي سهڪار ساڳئي وڏي حڪمت عملي جو حصو آهن. آمريڪا چاهي ٿو ته جيڪڏهن چين معاشي ۽ دفاعي ٻنهي شعبن ۾ مسلسل مضبوط ٿيندو رهيو ته عالمي طاقت جو موجوده توازن بنيادي طور تبديل ٿي سگهي ٿو.

روس به هن نئين عالمي منظرنامي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. يوڪرين جي جنگ روس ۽ اولهه وچ ۾ موجود اختلافن کي انتهائي نمايان ڪري ڇڏيو آهي. هن جنگ نه رڳو يورپ جي سلامتي کي متاثر ڪيو، پر عالمي توانائي، خوراڪ ۽ معيشت تي به اثر وڌو. اولهه جي ملڪن روس تي پابنديون لڳايون، جڏهن ته روس پنهنجي لاءِ متبادل معاشي ۽ سفارتي رستا ڳوليا. هن صورتحال ثابت ڪيو ته موجوده دنيا ۾ ڪا هڪ طاقت هر ملڪ کي پنهنجي پاليسي تي هلڻ لاءِ مجبور نٿي ڪري سگهي.

وچ اوڀر به عالمي طاقتن جي ڇڪتاڻ جو اهم ميدان بڻجي چڪو آهي. غزه جو بحران، اسرائيل ۽ فلسطين جو تڪرار، ايران ۽ اولهه جي ملڪن وچ ۾ اختلاف ۽ خليجي خطي جي سلامتي جا مسئلا عالمي سياست کي وڌيڪ پيچيده بڻائي رهيا آهن. وچ اوڀر رڳو سياسي لحاظ کان اهم ناهي، پر عالمي توانائي جي نظام لاءِ به انتهائي حساس خطو آهي. هتي پيدا ٿيندڙ ڪنهن وڏي جنگ يا ڇڪتاڻ جو اثر رڳو خطي تائين محدود نه رهندو، پر تيل جي قيمتن، عالمي واپار ۽ دنيا جي معيشتن تائين پهچي سگهي ٿو.

هن سڄي صورتحال ۾ يورپ به هڪ ڏکئي دور مان گذري رهيو آهي. هڪ طرف کيس روس کان سلامتي جا خدشا آهن، ته ٻئي طرف پنهنجي دفاعي صلاحيت مضبوط ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي رهي آهي. يورپي ملڪ اهو به سمجهن ٿا ته مستقبل ۾ آمريڪا تي مڪمل ڀاڙڻ سندن لاءِ مسئلا پيدا ڪري سگهي ٿو. ان ڪري يورپ ۾ دفاعي خودمختياري ۽ گڏيل سلامتي بابت بحث تيز ٿي رهيو آهي.

پر نئين عالمي صف بندي رڳو فوجي طاقت تائين محدود ناهي. اڄ معاشي پابنديون به جنگ جو هڪ هٿيار بڻجي چڪيون آهن. ڪنهن ملڪ تي واپاري پابنديون لڳائڻ، ان جي مالي رسائي محدود ڪرڻ، ٽيڪنالاجي جي منتقلي روڪڻ يا عالمي منڊي ۾ ان لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪرڻ جديد دور جي طاقت واري سياست جو حصو بڻجي چڪو آهي. اهڙي طرح جنگ جو ميدان سرحدن کان نڪري بئنڪن، مارڪيٽن، ٽيڪنالاجي ۽ عالمي ادارن تائين پکڙجي ويو آهي.

مصنوعي ذهانت، جديد برقي چپون، سائبر ٽيڪنالاجي ۽ جديد مواصلاتي نظام به عالمي طاقت جا نوان ميدان بڻجي چڪا آهن. جنهن ملڪ وٽ جديد ٽيڪنالاجي هوندي، اهو رڳو معاشي ميدان ۾ اڳتي نه هوندو، پر دفاع، معلومات ۽ عالمي اثر رسوخ ۾ به وڌيڪ طاقتور هوندو. اهو ئي سبب آهي جو آمريڪا ۽ چين وچ ۾ ٽيڪنالاجي جي ميدان ۾ مقابلو ايندڙ سالن دوران عالمي سياست جو بنيادي عنصر بڻجي سگهي ٿو.

هن بدلجندڙ دنيا ۾ پاڪستان جهڙن ملڪن لاءِ صورتحال انتهائي حساس آهي. پاڪستان جا آمريڪا، چين، روس، عرب ملڪن ۽ ٻين عالمي طاقتن سان لاڳاپا آهن. هڪ طرف چين پاڪستان جو اهم معاشي ۽ تزويري ساٿي آهي، ته ٻئي طرف آمريڪا سان پاڪستان جا پراڻا سفارتي ۽ معاشي لاڳاپا موجود آهن. پاڪستان لاءِ سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته هو ڪنهن عالمي طاقت جي ڇڪتاڻ جو رڳو ميدان نه بڻجي، پر پنهنجي قومي ترجيحن ۽ معاشي مفادن کي نظر ۾ رکندي متوازن پرڏيهي پاليسي اختيار ڪري.

پاڪستان جي معيشت هن وقت اهڙي مرحلي ۾ آهي، جتي کيس عالمي طاقتن جي ڇڪتاڻ بدران امن، واپار، سيڙپڪاري ۽ علائقائي استحڪام جي ضرورت آهي. جيڪڏهن دنيا نئين سرد جنگ واري ماحول ۾ داخل ٿئي ٿي ته ترقي پذير ملڪن لاءِ مسئلا وڌي سگهن ٿا. عالمي واپار متاثر ٿي سگهي ٿو، توانائي مهانگي ٿي سگهي ٿي ۽ سيڙپڪاري جا فيصلا به سياسي ڇڪتاڻ کان متاثر ٿي سگهن ٿا.

اصل خطرو اهو آهي ته دنيا ٻيهر اهڙي ماحول ۾ داخل نه ٿي وڃي، جتي هر ملڪ کي ڪنهن هڪ ڌڙي جو انتخاب ڪرڻو پوي. موجوده دور ۾ عالمي مسئلا ايترا پيچيده ٿي چڪا آهن، جو انهن کي رڳو طاقت ذريعي حل نٿو ڪري سگهجي. موسمياتي تبديلي، غربت، بک، دهشتگردي، وبائون، توانائي جو بحران ۽ معاشي اڻبرابري اهڙا مسئلا آهن، جيڪي ڪنهن هڪ ملڪ جا نه، پر سڄي انسانيت جا مسئلا آهن. جيڪڏهن عالمي طاقتون هڪ ٻئي کي ڪمزور ڪرڻ بدران گڏيل مسئلن جي حل تي ڌيان ڏين ته دنيا بهتر مستقبل ڏانهن وڌي سگهي ٿي. پر جيڪڏهن طاقت جي سياست، معاشي پابنديون، فوجي اتحاد ۽ جاگرافيائي ڇڪتاڻ وڌندي رهي ته نئين سرد جنگ رڳو ٻن طاقتن وچ ۾ مقابلو نه رهندي، پر ان جا اثر دنيا جي هر خطي تائين پهچي سگهن ٿا.

دنيا کي هن وقت هڪ ٻي سرد جنگ جي نه، پر نئين عالمي سهڪار جي ضرورت آهي. تاريخ ثابت ڪيو آهي ته وڏين طاقتن جي ڇڪتاڻ جو سڀ کان وڏو نقصان عام انسان کي ٿيندو آهي. جنگيون حڪومتون شروع ڪنديون آهن، پر انهن جي قيمت عوام ادا ڪندو آهي. ميزائل طاقت جو اظهار ضرور ٿي سگهن ٿا، پر ڪنهن ملڪ جي حقيقي ڪاميابي تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن ان جا شهري امن، روزگار، تعليم ۽ بهتر زندگي کان محروم نه هجن.

اڄ عالمي طاقتن جي سامهون اصل امتحان اهو آهي ته هو پنهنجي برتري ثابت ڪرڻ لاءِ دنيا کي ورهائين ٿيون يا انسانيت جي بهتر مستقبل لاءِ اختلافن باوجود سهڪار جو رستو اختيار ڪن ٿيون. جيڪڏهن دنيا واقعي هڪ نئين سرد جنگ واري دور ۾ داخل ٿي رهي آهي ته تاريخ جي هن موڙ تي دانائي جو تقاضو اهو ئي آهي ته طاقت بدران ڳالهين، محاذ آرائي بدران سفارتڪاري ۽ ورهاست بدران سهڪار کي ترجيح ڏني وڃي. چو ته دنيا کي هڪ ٻي سرد جنگ کٽڻ وارن ملڪن کان وڌيڪ، اهڙي امن جي ضرورت آهي، جنهن ۾ ڪو به انسان هارايل نه هجي.

# فريال ٽالپر ايندڙ سياسي مورچي جي قيادت سنڀاليندي؟

### عبدالمجيد نائچ

سنڌ جي سياست هن وقت هڪ اهڙي نازڪ مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي آهي، جتي هڪ بيان کان شروع ٿيل بحث هاڻي سنڌ اسيمبلي جي ايوانن تائين پهچي چڪو آهي. اصل سوال اهو آهي ته پيپلز پارٽي هن معاملي کي رڳو اسيمبليءَ جي ٺهرائن تائين محدود رکندي يا ان کي عوامي ۽ سياسي تحريڪ جي شڪل ۾ سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ تائين کڻي ويندي؟ آصف علي زرداري، بلاول ڀٽو زرداري ۽ فريال ٽالپر جي تازين سرگرمين مان ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌ جي وحدت بابت پارٽي جو موقف هاڻي نرم لفظن بدران وڌيڪ واضح ۽ سخت انداز اختيار ڪري رهيو آهي.

هن سڄي صورتحال ۾ فريال ٽالپر جي سياسي سرگرمي خاص ڌيان جوڳي بڻجي وئي آهي. ٽالپر خاندان جو نالو سنڌ جي سياست ۾ ڪو اوپرو ناهي، سندس تعلق سنڌ جي ان تاريخ سان جڙيل آهي جڏهن اقتدار جو فيصلو چوند مهمن بدران قبائلي طاقت، لشڪر، زمين ۽ سياسي اتحادن ذريعي ٿيندو هو. ارڙهين صديءَ ۾ ٽالپر سردارن ڪلهوڙن جي اقتدار خلاف طاقت وڌائي ۽ 1783 ع ۾ مير فتح علي خان ٽالپر جي دور ۾ سنڌ جي حڪمراني سندن هٿن ۾ آئي. تاريخ هميشه هڪجهڙي ناهي رهندي ۽ 1843 ع ۾ انگريزن جي سنڌ تي قبضي خلاف ٽالپر حڪمرانن مياڻي ۽ دٻي جي ميدانن ۾ زبردست مزاحمت ڪئي، جيتوڻيڪ جديد هٿيارن ۽ منظم فوج جي برتري سبب برطانوي حڪمراني قائم ٿي وئي.

اڄ ان دور جون تلوارون ۽ لشڪر موجود ناهن، بلڪه سياسي مقابلي جا اوزار مڪمل تبديل ٿي چڪا آهن. هاڻي طاقت جو اظهار ووٽ، پارليامينٽ، آئين، عوامي جلسن ۽ سياست ذريعي ٿئي ٿو. تنهن ڪري فريال ٽالپر جو موجوده سياسي ڪردار وڌيڪ اهميت اختيار ڪري رهيو آهي. سنڌ اسيمبلي ۾ پيپلز پارٽي جو واضح موقف آهي ته سنڌ جي جاگرافيائي وحدت بابت ڪو به اهڙو فيصلو قبول نه ڪيو ويندو جنهن ۾ سنڌ جي قيادت ۽ عوام کي اعتماد ۾ نه ورتو وڃي. آصف علي زرداري جي حڪمت عملي ۾ ڳالهين جا دروازا کليل رکڻ جو انداز ضرور آهي، پر سنڌ مان ايندڙ ردعمل اڳ کان وڌيڪ سخت محسوس ٿي رهيو آهي.

جيڪڏهن پيپلز پارٽي سنڌ جي وحدت واري معاملي تي باقاعده عوامي تحريڪ شروع ڪري ٿي، ته ان جي اڳواڻي ڪير ڪندو؟ بلاول ڀٽو زرداري جو سياسي دائرو سڄو پاڪستان آهي ۽ آصف علي زرداري صدر جي آئيني عهدي تي فائز آهن. تنهنڪري سنڌ اندر پارٽي مشينري کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ فريال ٽالپر هڪ موزون سياسي ڪردار بڻجي سگهي ٿي. هتي اهو سوال به اهم آهي ته ڇا تحريڪ سان گڏ سنڌ حڪومت جي قيادت ۾ به تبديلي ايندي؟ مراد علي شاهه ڊگهي عرصي کان سنڌ حڪومت هلائي رهيا آهن ۽ پارٽي جو مڪمل اعتماد رکن ٿا، پر جيڪڏهن مستقبل ۾ ڪا تبديلي آئي ته اها ڪنهن وڏي سياسي حڪمت عملي جو حصو هوندي.

جيڪڏهن فريال ٽالپر سنڌ جي حڪومت يا سياسي تحريڪ جون واڳون سنڀالي ٿي، ته حڪومت جي هر ڪاميابي ۽ ناڪامي سڌي طرح زرداري خاندان جي سياسي حساب ۾ شامل ٿيندي. تاريخ جو دلچسپ پهلو اهو آهي ته هڪ دور ۾ ٽالپرن جي اقتدار جو فيصلو جنگ جي ميدان ۾ ٿيو هو، پر اڄ جي دور ۾ سياسي فتح لاءِ تلوار نه پر عوامي اعتماد، ووٽ ۽ مؤثر حڪمت عملي گهربل آهي. ايندڙ ڪجهه ڏينهن واضح ٿي ويندو ته سنڌ جي سياسي هوا ڪهڙا طرف وڃي رهي آهي.

جيڪڏهن پيپلز پارٽي سنڌ جي وحدت واري معاملي تي باقاعده عوامي تحريڪ شروع ڪري ٿي، ته ان جي اڳواڻي ڪير ڪندو؟ بلاول ڀٽو زرداري جو سياسي دائرو سڄو پاڪستان آهي ۽ آصف علي زرداري صدر جي آئيني عهدي تي فائز آهن. تنهنڪري سنڌ اندر پارٽي مشينري کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ فريال ٽالپر هڪ موزون سياسي ڪردار بڻجي سگهي ٿي. هتي اهو سوال به اهم آهي ته ڇا تحريڪ سان گڏ سنڌ حڪومت جي قيادت ۾ به تبديلي ايندي؟ مراد علي شاهه ڊگهي عرصي کان سنڌ حڪومت هلائي رهيا آهن ۽ پارٽي جو مڪمل اعتماد رکن ٿا، پر جيڪڏهن مستقبل ۾ ڪا تبديلي آئي ته اها ڪنهن وڏي سياسي حڪمت عملي جو حصو هوندي.

---

بقايا *** 01

جي حوالگي جي تقريب ڪي موقعي تي ڳالهائيندي ڪيو. اسلام آباد پوليس کي جديد، محفوظ ۽ ماحول دوست پوليسنگ جي فروغ جي لاءِ 50 اليڪٽرڪ گاڏيون فراهم ڪيون ويون آهن. وفاقي گادي واري شهر ۾ منعقد تقريب ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف اليڪٽرڪ گاڏين جون چابيون وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ۽ انسپيڪٽر جنرل اسلام آباد پوليس سيد علي ناصر رضوي جي حوالي ڪيون. اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءَ الله تارڙ وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري، مملڪتي وزير طلال چوڌري سميت لاڳاپيل عملدارن تقريب ۾ شرڪت ڪئي. وزيراعظم اسلام آباد پوليس کي جديد رخن تي قائم ڪرڻ جي حوالي سان وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جي ڪارڪردگي کي ساراهيو وزيراعظم چيو ته اسلام آباد پوليس کي ملڪ جي ٻين شهرن جي لاءِ رول ماڊل هجڻ گهرجي. وفاقي گادي واري شهر ۾ شهرين کي محفوظ ماحول جي فراهمي جي لاءِ پوليس کي جديد ٽيڪنالاجي، ساز ۽ سامان ۽ ٻين ضروري وسيلن سان ليس ڪيو پيو وڃي. وزيراعظم چيو ته اسلام آباد پوليس کي فراهم ڪيل نئين اليڪٽرڪ گاڏين جو مقصد پوليسنگ جي نظام ۾ ماحول دوست ۽ گرين پوليسنگ کي فروغ ڏيڻ آهي. جديد ٽيڪنالاجي جو استعمال سان پوليس جي ڪارڪردگي ۽ شهرين کي فراهم ڪئي ويندڙ خدمتن ۾ وڌيڪ بهتري ايندي. ان موقعي تي انسپيڪٽرجنرل اسلام آباد پوليس وزيراعظم کي اسلام آباد پوليس پاران وفاقي گادي واري شهر جي سيڪيورٽي جي لاءِ قائم ڪيل نئين فورس "ڪيپيٽل پيٽرول" جي حوالي سان تفصيلي بريفنگ ڏني. وزيراعظم کي ٻڌايو ويو ته نئين فورس وزيراعظم جي محفوظ، سمارٽ ۽ گرين ڪيپيٽل جي ويزن تحت جوڙي وئي آهي. ڪيپيٽل پيٽرول فورس ۾ مجموعي طور تي 200 پوليس اهلڪار شامل هوندا. ڪيپيٽل پيٽرول فورس جي هر پيٽرول يونٽ ۾ هڪ مرد ۽ هڪ عورت پوليس اهلڪار مقرر هوندي. فورس ۾ موٽرسائيڪل سوار پوليس اهلڪار به شامل هوندا ته جيئن مختلف علائقن ۾ فوري ريسپانس ۽ موثر گشت کي يقيني بڻائي سگهجي. وزيراعظم کي ٻڌايو ويو ته ڪيپيٽل پيٽرول جي سمورن اهلڪارن کي باڊي ڪيمرائن سان ليس ڪيو ويندو جنهن سان پوليسنگ جي عمل ۾ شفافيت، نگراني ۽ جوابدهي کي وڌيڪ موثر بڻائي سگهبو بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ڪيپيٽل پيٽرول فورس جي لاءِ 50 اليڪٽرڪ گاڏيون فراهم ڪيون ويون آهن. سموريون گاڏيون بجلي سان هلن ٿيون جنهن سان نه صرف ايندڻ جي خرچن ۾ نمايان گهٽتائي اچي ويندي بلڪه ماحول تي پڻ مثبت اثر پوندا. وزيراعظم کي ٻڌايو ويو ته نئين اليڪٽرڪ گاڏين جي استعمال سان ٻارڻ جي مد ۾ ماهوار اٽڪل 3 ڪروڙ 40 لک روپين جي بچت ٿيندي جڏهن ته هڪ گاڏي جي لاڳت اٽڪل سادا 10 مهينن ۾ ٻارڻ جي بچت سان پوري ٿي ويندي. وزيراعظم اسلام آباد پوليس پاران جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال، گرين پوليسنگ جي فروغ ۽ شهرين جي تحفظ جي لاءِ ڪيل قدمن کي ساراهيو ۽ هدايت ڪئي ته جديد پوليسنگ جي نظام کي وڌيڪ موثر بڻائڻ لاءِ سمورا ضروري قدم يقيني بڻايا وڃن.

بقايا *** 02

حڪومت تي تنقيد ڪندي احتجاج جاري رکڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو جماعت اسلامي جي نائب امير لياقت بلوچ چيو آهي ته رات جي اونداهي ۾ هڪ دفعو ٻيهر تارهو هنيو ويو پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ اضافو ڪيو ويو، حڪمرانن جي حسي جي جوڳاتو ڪري ڇڏيو آهي حڪومت عوام تي بار وجهڻ جي بجاءِ پنهنجي غيرضروري خرچن ۽ عياشين ۾ گهٽتائي ڪري، جماعت اسلامي طرفان پيش ڪيل تجويزن تي عمل ڪرڻ سان اربين روپين جي بچت ممڪن آهي. چيئرنگ ڪراس مال روڊ تي پريس ڪانفرنس ڪندي لياقت بلوچ چيو ته عالمي منڊي ۾ تيل جي قيمتن ۾ هيٺ مٿاهين پنهنجي جڳهه، پر پاڪستان ۾ اصل مسئلو ڳري ليوي آهي. في ليٽر پيٽرول تي تقريبن 130 کان 148 روپين تائين اضافي ي سگهي جنهن کان پوءِ ان کان ٽي ڏينهن جو وقت گهريو ويو ڳالهين جو ٻيو دور 10 سيپٽمبر تي اسلام آباد ۾ ٿيندو هن چيو ته حڪومتي نمائندن ڳالهين شروع ٿيڻ سبب ٽرڊو ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي، پر جماعت اسلامي اها تجويز رد ڪري ڇڏي. حڪومت جيڪڏهن پيٽروليم ليوي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏي ته احتجاج ختم ڪيو ويندو ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو مرحليوار وسيع ڪيو ويندو لياقت بلوچ چيو ته حڪومت غيرضروري خرچ گهٽ ڪرڻ جي بجاءِ عوام تي مسلسل بار وجهي رهي آهي. ايف بي آر تي اربين روپيه خرچ ٿيڻ جي باوجود ٽيڪس وصولي جا گهربل نتيجا حاصل نه پيا ڪيا وڃن. انهي لاءِ ادارن جا خرچ ۽ ڪارڪردگي جو به جائزو ورتو وڃي. هن چيو ته حڪومت طرفان مطالبا نه مڃيا ويا ته جماعت اسلامي ترين مارچ، لانگ مارچ ۽ ڦيٿا روڪ سميت احتجاج جي ٻئي مرحلي طرف ويندي، پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ تازي اضافي کي رد ڪريون ٿا انهي کي فوري واپس ورتو وڃي. هن چيو ته وزيراعظم جا پرڏيهي دورا اهم ٿي سگهن ٿا پر ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ عوام کي پيش ايندڙ پريشانين تي به ڌيان ڏيڻو پوندو حڪومت سنجيدگي سان عوام کي رليف ڏيڻ جي لاءِ قدم کڻي ٻئي صورت ۾ جماعت اسلامي پنهنجو احتجاج جاري رکندي.

بقايا *** 03

پنهنجي تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي، سنڌ جي تعليم واري وزير عالمي خواندگي واري ڏينهن تي تعليم جي واڌاري لاءِ ڪم ڪندڙ فردن ۽ ادارن کي خراج تحسين پيش ڪيو سيد سردار علي شاهه چيو ته اهڙا پنهنجي خاندانن جي مدد ڪري رهيا آهن جيڪي روايتي تعليمي نظام ۾ سکيا جا موقعا حاصل نٿا ڪري سگهن. وفاق کي پاڪستان جي ٻارن لاءِ صوبن جي سنجيدگي سان مدد ڪرڻ گهرجي. سيد سردار علي شاهه چيو ته سنڌ غيررسمي تعليم لاءِ نصاب شروع ڪيو آهي، غيررسمي

ڪميشن جي مختلف سوالن جا جواب ڏنا. وڪيل جبران ناصر ڪميشن کي ٻڌايو ته مير رضا جي جسم مان حاصل ڪيل نمونا دير سان ليبارٽري پهچايا ويا، جنهن تي ڪميشن سوال ڪيو ته ڇا انهن نمونن جي ڪا شيلف لائف به هوندي آهي؟ ڊاڪٽر سميع ٻڌايو ته عام طور تي ان سان فرق نٿو پوي، پر دير سبب جيڪڏهن ڪو ڪيميڪل ٽريس نه مليو هجي ته ان بابت ڪجهه نٿو چئي سگهجي. هن چيو ته هاءِ پروفائيل ڪيسن ۾ عام طور تي نمونا پهچائڻ ۾ دير ناهي ڪئي ويندي. ٻڌڻي دوران سنڌ جي ايڊووڪيٽ جنرل اعتراض واريندي چيو ته سوال ڪميشن طرفان ٿيڻ گهرجن، جبران ناصر طرفان نه. ان تي ڪميشن چيو ته جيڪڏهن خاندان کي ڪو سوال ڪرڻو آهي ته سنڌ حڪومت کي ان تي ڪهڙو اعتراض آهي؟ ڇا اوهان ڪجهه لڪائي رهيا آهيو؟ ڪميشن چيو ته سنڌ جي گهرو وزير کي طلب ڪرڻ لاءِ نوٽيس جاري ڪيا وڃن ۽ چيو ته اوهان جي رويي سبب گهرو وزير کي طلب ڪرڻ گهرجي. ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ جي مداخلت ڪانپوءِ ڪميشن ڪارروائي معطل ڪندي گهرو وزير ضياءِ الحسن لنجار کي نوٽيس جاري ڪرڻ جي هدايت ڪئي ڇڏي.

بقايا *** 05

نه ڏيندا. وڪيل برادري سنڌ جي عوام سان گڏ هر فورم تي آواز اٿاريندي. اياز تنيو چيو ته "سنڌ اسان جي ماءُ آهي، وڪيل برادري سنڌ جي ماڻهن سان گڏ روڊن تي هوندي". "سنڌ هاءِ ڪورٽ بار حيدرآباد پاران سنڌ جي امڪاني ورهاڱي ۽ سيپريشن خلاف سياڻي باضابطا طور عدالتي ڪارروائين جي بائيڪاٽ جو اعلان پڻ ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 06

، واقعي ۾ ڪنهن به جاني نقصان جي اطلاع ناهي مليو.

بقايا *** 07

ڦر ۽ ڌاڙن جي روڪٿام ۽ سيڪيورٽي قدمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ سنڌ جي گهرو وزير هدايت ڪئي ته شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ ڌوهاري عنصرن خلاف ڪارروائي کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي ۽ اسٽريٽ ڪرائم، ڦر ۽ ڌاڙن جي روڪٿام لاءِ اثرائتي ۽ ڪارآمد حڪمت عملين تي سختي سان عمل ڪيو وڃي. ضياءِ الحسن لنجار چيو ته اسٽريٽ ڪرمنلز ڦر ۽ ڌاڙن خلاف انٽيليجنس تي ٻڌل ۽ ٽارگيٽيڊ ڪارروايون جو دائرو وڌيڪ وڌايو وڃي. ڪرائم هاٽ اسپاٽس جي نشاندهي ڪئي وڃي ۽ اتي اضافي اهلڪار مقرر ڪيا وڃن. اثرائتي گشت، پڪيٽنگ ۽ خاص نگراني جو انتظام ڪيا وڃن. سنڌ جي گهرو وزير اهم شاهراهن، اندروني ۽ ٻاهرين رستن، تجارتي مرڪزن، رهائشي علائقن ۽ حساس هنڌن تي پوليس جي گشت ۽ نگراني کي وڌيڪ موثر بڻائڻ جي هدايت ڪئي ۽ چيو ته اسٽريٽ ڪرائم، ڦرلٽ ۽ ڌاڙيلن کي روڪڻ لاءِ مختلف علائقن ۾ اسنيپ چيڪنگ ۽ پڪيٽنگ جو دائرو پڻ وڌايو وڃي. هن هدايت ڪئي ته ڌوهاري عنصرن جي حرڪتن، ممڪن فرار جي رستن ۽ انهن جي سهولتڪارن جي سڃاڻپ لاءِ جاسوسي ۽ انٽيليجنس نظام کي وڌيڪ فعال بڻايو وڃي، جڏهن ته ڌاڙيلن ۾ ملوث گروهن، گڏوگڏ انهن جي سهولتڪارن ۽ سپورٽ نيٽ ورڪن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪئي وڃي. ضياءِ الحسن لنجار چيو ته ڌوهه جي واقعن تي بروقت پوليس جي جواب ۽ شهري شڪايتن تي فوري ڪارروائي کي هر وقت يقيني بڻايو وڃي. جڏهن ته ڌوهه جي روڪٿام سان گڏ ڪيسن جي اثرائتي جاچ، ثبوتن تي ٻڌل ڪارروائي ۽ قانون مطابق جوابدارن کي سزا ڏيڻ جي عمل کي به وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي. سنڌ جي گهرو وزير ضلعي پوليس کي ضلعي انتظاميا سان رابطن ۽ باهمي هم آهنگي کي وڌيڪ موثر بڻائڻ جي هدايت ڪندي چيو ته هن قدم جو مقصد اهڙن ڌوهاري عنصرن تي قانون جي گرفت کي يقيني بڻائڻ آهي. هن چيو ته شڪي گاڏين، گهربل شڪي ماڻهن ۽ ڌوهاري گروهن بابت معلومات فوري طور تي لاڳاپيل ضلعن ڏانهن منتقل ڪئي وڃي، جڏهن ته بين الضلعي ڪوآرڊينيشن سسٽم کي مضبوط بڻائي ڌوهاري عنصرن جي حرڪت جي اثرائتي نگراني کي يقيني بڻايو وڃي. سنڌ جي گهرو وزير واضح ڪيو ته صوبي ۾ امن امان برقرار رکڻ ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ فيلڊ پوليسنگ، پيٽرولنگ، نگراني ۽ انٽيليجنس سسٽم کي وڌيڪ موثر بڻايو پيو وڃي، جڏهن ته ڌوهن خلاف آپريشن کي وڌيڪ موثر بڻائڻ لاءِ سمورا موجود وسيلا استعمال ڪيا ويندا. اجلاس ۾ بريفنگ ڏيندي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چيو ته اسٽريٽ ڪرائم، ڦر ۽ ڌاڙن خلاف آپريشن کي وڌيڪ موثر بڻايو ويو آهي. آءِ جي سنڌ چيو ته پوليس آفيسر پنهنجن لاڳاپيل علائقن ۾ ڌوهن جي هاٽ اسپاٽس جي نشاندهي ڪري موثر پيٽرولنگ ۽ ٽارگيٽيڊ آپريشن کي يقيني بڻائي رهيا آهن. جڏهن ته شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ فيلڊ پوليسنگ کي وڌيڪ مضبوط ڪيو پيو وڃي. اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي، سي ٽي ڊي، آءِ جي اسپيشل برانچ، آپريشن ڊي آءِ جي هيڊ ڪوارٽر، ڪرائم برانچ ۽ انويسٽيگيشن، ڪراچي جا سيئي زونل ڊي آءِ جي، ڊي آءِ جي سي آءِ اي ڪراچي، اسپيشل برانچ، سي ٽي ڊي، آءِ جي آپريشنز ۽ ٻيا لاڳاپيل پوليس آفيسر شامل هئا.

بقايا *** 08

ول، ڪميونيڪيشن اينڊ ڪوآرڊينيشن سينٽر جو افتتاح ڪري ڇڏيو نئين ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر سان آءِ جي اسلام آباد پنهنجي آفيس مان سيف سٽي، پوليس آپريشنز ۽ شهر ۾ امن امان جي صورتحال کي سڌي ريت مانيٽر ۽ ڪمانڊ ڪري سگهندو تقريب کي خطاب ڪندي گهرو وزير چيو ته ان جديد سينٽر سان اسلام آباد پوليس جي ڪمانڊ، مانيٽرنگ، ڪوآرڊينيشن ۽ فوري فيصلو وٺڻ جي نظام ۾ نمايان بهتري ايندي. سيف سٽي سميت پوليس جي سمورن اهم آپريشنل نظام هاڻي هڪ مرڪزي ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول پليٽ فارم سان ڳنڍيجي ويندو جنهن سان هنگامي يا سيڪيورٽي صورتحال ۾ آءِ جي اسلام آباد سڌي ريت صورتحال مانيٽر ڪري فوري حڪم

اسان جي اولين ترجيح آهي. ان موقعي تي آءِ جي اسلام آباد پوليس ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر به موجود هئا.

بقايا *** 09

ن 19 ۽ 20 سيپٽمبر 2026 ع تي پشاور ۾ مرڪزي مجلس عمومي جو اهم اجلاس طلب ڪري ورتو آهي. اجلاس ۾ ملڪ جي موجوده سياسي ۽ آئيني صورتحال، امن امان جي تشويشناڪ صورتحال، انتظامي يونٽن يا نون صوبن جي رينگٽ، خطي جي حالتن سميت اهم قومي ۽ تنظيمي معاملن تي تفصيلي غور ڪيو ويندو. جمعيت علماءِ اسلام پاڪستان جي جنرل سيڪريٽري مولانا عبدالغفور حيدري چيو آهي ته مرڪزي مجلس عمومي جو اجلاس مفتي محمود مرڪز پشاور ۾ ٿيندو جنهن ۾ ملڪ جي سمورن صوبن ۽ علائقن، سنڌ، بلوچستان، خيبرپختونخوا، فاٽا، ڪشمير ۽ گلگت بلتستان مان مرڪزي مجلس عمومي جا ميمبر شرڪت ڪندا. اجلاس ۾ امن امان جي صورتحال، ايندڙ مڪاني چونڊن لاءِ صوبائي جماعتن جي تيارين، ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال ۽ تازن بحرانن، صوبن جي مسئلن ۽ انهن بابت جماعت جي راءِ سميت ٻين اهم معاملن کي ايجنڊا ۾ شامل ڪيو ويو آهي. جي يو آءِ جي مرڪزي مجلس عمومي جو هي اجلاس موجوده ملڪي حالتن جي حوالي سان انتهائي اهم قرار ڏنو پيو وڃي، جنهن ۾ ملڪ کي درپيش سياسي ۽ آئيني معاملن تي جماعت جي آئنده حڪمت عملي بابت اهم مشاورت متوقع آهي. ان کان علاوه ايندڙ مڪاني چونڊن جي حوالي سان صوبائي سطح تي تنظيمي تيارين ۽ جماعت جي حڪمت عملي تي پڻ غور ڪيو ويندو اجلاس جي پڄاڻي تي اهم معاملن بابت جماعت جي فيصلن ۽ آئنده جي لائحه عمل بابت رهنمائي پڻ جاري ٿيڻ جو امڪان آهي. جي يو آءِ سنڌ جي قائد علامه راشد محمود سومرو جي قيادت ۾ سنڌ مان مرڪزي مجلس عمومي جا ميمبر اجلاس ۾ شرڪت ڪندا. اهڙي پڌرائي جي يو آءِ سنڌ جي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري پڌري ڪئي آهي.

بقايا *** 10

جي دفاع ۾ سامهون اچي ويو طلال چوڌري نجي چينل جي پروگرام ۾ ڳالهيون ڪندي چيو ته گهرو وزير محسن نقوي (ن) ليگ ۽ وزيراعظم شهباز شريف جو گهرو وزير آهي، محسن نقوي هڪ هڪ شيءِ ۾ وزيراعظم جي فالو ڪندو آهي. انهي نون صوبن جي ڳالهه ڪئي ته هڪ طوفان اٿاريو ويو هن چيو ته گهرو وزير سلي ڳالهه به ڪري ته ڪجهه ماڻهو انهي ۾ برائي ڳوليندا آهن. ڪجهه ماڻهن جون اميدون شايد گهرو وزير کان پوريون ناهن ٿيون انهي لاءِ اهي تنقيد ڪندا آهن طلال چوڌري چيو ته پيپلز پارٽي نون صوبن تي اڪيلو فيصلو ڪري سگهي ٿي ۽ نه معاملي کي رد ڪري سگهي ٿي، سنڌ ۾ اهڙو ماحول ناهيو پيو جيئن ملڪ ورهائجي رهيو هجي.

بقايا *** 11

ڇڏي، وڪيل موجب جوابدار عاقب هڪ رڪشا ڊرائيور آهي جيڪو نوڪري جي بهاني عورت کي مکيه جوابدار جي گهر وٺي ويو مدعي جي وڪيل موجب متاثره جي ماءُ الزام هيٺ آيل ٽائون پوليس اسٽيشن ۾ ڪيس داخل ڪرايو هو.

بقايا *** 12

ڳيرائي ٿي آهي، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ڪيس جي ٻڌڻي لاءِ لارجر بئنچ جوڙڻ جو فيصلو ڪيو آهي. چيف جسٽس معاملي جي حساسيت کي نظر ۾ رکندي اٽارني جنرل کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو جڏهن ته چئني صوبن جي آءِ جيز ۽ ايڊووڪيٽ جنرلز کي پڻ نوٽيس جاري ڪندي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪيو ويو آهي. عدالت اسلام آباد جي چيف ڪمشنر ڊپٽي ڪمشنر ۽ آءِ جي کي به ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ورتو آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 10 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 13

۾ موسمياتي تبديلي، ماحولياتي خطرا، ساحلي علائقا، سمنڊ جي پاڻي جي مداخلت، خشڪ سالي ۽ گرمي جي لهرن جي خطرن جو جائزو ورتو ويو سمپوزيم ۾ مختلف معاملن تي تفصيل سان بحث ڪيو ويو جن ۾ مينگروو جو تحفظ، هوا جي معيار، پاڻي جي رستن ۾ تبديليون، زمين جي استعمال ۽ فصلن جي نگراني شامل آهن. سمپوزيم ۾ سيڪريٽري ماحوليات فيصل عاقلي، سيڪريٽري آبپاشي ظريف کڏهرو سيڪريٽري بحالي ڪاني رفيق شيخ، سيڪريٽري آبپاشي ظريف کڏهرو سپارڪو عملدارن ۽ ماحولياتي ماهرن سان گڏوگڏ اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي. سپارڪو عملدارن شرڪت ڪندڙن کي مختلف پيشڪش ذريعي سيٽلائيٽ ٽيڪنالاجي جي استعمال ۽ موسمياتي ۽ ماحولياتي نگراني جي جديد طريقن بابت آگاهه ڪيو ۽ موسمياتي خطرن جي بروقت سڃاڻپ ۽ انهن جي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ سيٽلائيٽ مشاهدن ۽ جديد سائنسي ڊيٽا استعمال ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو سپارڪو عملدارن بريفنگ ڏني ته سيٽلائيٽ ڊيٽا ذريعي مينگروو ٻيلن جي وسيلن، زرعي زمين ۽ فصلن جي حالت جو بهتر جائزو وٺي اثرائتي منصوبابندي ڪري سگهجي ٿي. گرمي جي لهر ۽ خشڪ سالي جهڙن موسمياتي خطرن جي حل سڃاڻپ انهن جي اثر کي گهٽائڻ لاءِ ابتدائي قدم کڻڻ جي اجازت ڏئي ٿي. ان موقعي تي سيڪريٽري ماحوليات فيصل عاقلي چيو ته موسمياتي تبديلي جي وڏي چئلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ جديد سائنسي معلومات ۽ بروقت ڊيٽا ضروري آهن. سنڌ جي ساحلي پٽي ماحولياتي خطرن کي منهن ڏئي رهي آهي ۽ اثرائتي نگراني لاءِ سيٽلائيٽ ٽيڪنالاجي کي مڪمل طور تي استعمال ڪري سگهجي ٿو. ڪاربن مارڪيٽ جي حوالي سان هن چيو ته ماحولياتي کاتو ڪاربن فنانسنگ سان لاڳاپيل 13 منصوبن تي ڪم ڪري رهيو آهي ۽ جلد ئي انهن منصوبن کي ڪاربن ڪريڊٽ حاصل ڪرڻ ۽ واپار

جي اثرات کي منهن ڏيڻ لاءِ خلائي ٽيڪنالاجي، تحقيق ۽ سائنسي ڊيٽا جي استعمال کي وڌيڪ وڌائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ۽ ان عزم کي ورجايو ته جديد خلائي ٽيڪنالاجي ۽ سائنسي تحقيق کي موسمياتي خطرن جي بروقت سڃاڻپ، اثرائتي نگراني ۽ بهتر فيصلي سازي لاءِ مڪمل طور تي استعمال ڪيو ويندو جڏهن ته لاڳاپيل ادارن ۽ ماهرن جي وچ ۾ تعاون کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ويندو.

بقايا *** 14

نالي سان ٿي آهي، مقتول ميٽرڪ جو شاگرد هو ميڊيا سان ڳالهائيندي، مقتول جي پيءُ روئيداد حسين چيو ته واقعي لاءِ 6 ڌاڙيل گهر ۾ داخل ٿيا، ٻه هٿياربند ماڻهو ٻه پوليس جي وردي ۾ هئا، جيئن ئي مون ڌاڙيلن جي چيخ ٻڌي، مان پنهنجي ڪمري مان ٻاهر آيس، منهنجو پٽ به ٻئي ڪمري مان ٻاهر آيو، مقتول نوجوان جي پيءُ چيو ته شڪي ماڻهن اوچتو فائرنگ شروع ڪري ڏني، منهنجي پٽ کي سيني ۾ گولي لڳي، جنهن سبب هو موقعي تي فوت ٿي ويو روئيداد حسين اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو وڃي، مقتول 8 ڀينرن جو اڪيلو ڀاءُ هو.

بقايا *** 15

عزيز آباد ۾ هڪ گودام ۾ گهڙي هڪ شهري کي ڦريو ايس ايس پي سينٽرل چيو ته پوليس عزيز آباد مان جوابدارن جو پيڇو ڪري رهي هئي. پوليس مقابلي دوران ٽي جوابدار مارجي ويا جڏهن ته هڪ فرار ٿي ويو ايس ايس پي سينٽرل موجب، مقابلي دوران، پوليس جوابدارن کان هٿيار، چوري ٿيل سامان ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي، ٻئي طرف، منگهو پير ۾ ڦر جي مزاحمت دوران فائرنگ ۾ چوڪرو مارجي ويو چوڪري جي پيءُ جو چوڻ آهي ته سندس پٽ 8 ڀينرن جو اڪيلو ڀاءُ ۽ ميٽرڪ جو شاگرد هو قاتلن کي فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي، انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ سخت سزا ڏني وڃي.

بقايا *** 16

ويو آهي. ڪي ايم سي هيڊ آفيس ۾ باهه واري واقعي بابت ڳالهائيندي مرتضيٰ وهاب چيو ته باهه اچڻو لڳي ٿي يا لڳائي وئي جي، ان جي حقيقت جاچ ڪانپوءِ ئي سامهون ايندي. هن چيو ته سندس آفيس ۾ موجود فائلون عام طور تي ٻنا محفوظ آهن جي هوندين آهن، اهو صحيح ٿيڻ ڪانپوءِ اهي لاڳاپيل آفيسرن تائين پهچايون وينديون آهن. هن چيو ته ان الزام کان پاسو ڪندو آهيان، پر هاڻي اهو الزام نه لڳي وڃي ته ڪورڪارڊ سڙي ويو آهي. ميئر ڪراچي موجب، باهه واري واقعي جي جاچ لاءِ چيف فائر آفيسر کي ٽاسڪ ڏنو ويو آهي، واضح رهي ته اڄ صبح کي ايم سي هيڊ آفيس ۾ ميئر ڪراچي جي آفيس سان لاڳاپيل ڪچن ۾ باهه لڳي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ ميئر جو دفتر مڪمل طور سڙي ويو.

بقايا *** 17

جي نگراني ۾، دفاع جي ڏينهن جي موقعي تي منعقد ڪيل 2 ڏينهن وارو اسٽريٽ چلڊرن فٽبال ايونٽ سينٽرل ضلعي ۾ ختم ٿي ويو آهي. تقريب ۾ ڪراچي ڊويزن جي سيني ضلعن مان چونڊ 20 ٽيمن حصو ورتو حسيني فٽبال ڪلب فائنل کٽي ورتو ۽ ٽائيٽل پنهنجي نالي ڪيو اختتامي تقريب جي خاص مهمان، سيڪريٽري رانديون ۽ نوجوانن جي معاملن واري سنڌ سيد منور علي مهيسر ڪامياب ٽيمن ۾ 50,000 روپين جا نقد انعام، شيلڊون، سرٽيفڪيٽ ۽ تمغا ورهايا. سيڪريٽري رانديون منور علي مهيسر اعلان ڪيو ته حسيني فٽبال ڪلب گوڌرا جي گرائونڊ ۾ فلڊ لائيٽون لڳائڻ سان گڏ هڪ ڊريسنگ روم پڻ ٺاهيو ويندو هن چيو ته سنڌ حڪومت نوجوانن کي راندين جا موقعا فراهم ڪرڻ ۽ صوبي ۾ راندين جي فروغ ڏيڻ لاءِ سخت قدم کڻي رهي آهي. هن چيو ته صوبي جي هر ضلعي ۾ تحصيل سطح تائين راندين جا مقابلا منعقد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته جيئن ٻارن ۽ نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن کي ظاهر ڪرڻ جا موقعا ملي سگهن. تقريب ۾ ڊائريڪٽر اسپورٽس ڊاڪٽر اسد اسحاق، ڊپٽي ڊائريڪٽر سيد حبيب الله، ڊي ايس او سينٽرل ضلعي حاجران نواب ۽ ڊي ايس او سيد اسماعيل شاهه سميت ٻين آفيسرن ۽ راندين سان لاڳاپيل ماڻهن شرڪت ڪئي. تقريب ميزباني ڊي ايس او سينٽرل ضلعي حاجران نواب ڪئي.

بقايا *** 18

وڏي پئماني تي فوجي ڪارروائي ڪئي، جنهن ۾ درجنين بيلسٽڪ ميزائل ۽ ڊرون استعمال ڪيا ويا. هن دعويٰ ڪئي ته حملن ۾ سعودي عرب جي مختلف اقتصادي ۽ فوجي هدفن کي نشانو بڻايو ويو حملن جو مقصد تازن سعودي حملن جو جواب ڏيڻ هو سعودي اختيارين طرفان حوثين باغين انهن دعوائن تي فوري طور ڪو باضابطا ردعمل سامهون نه آيو آهي. ٻئي پاسي سعودي پرڏيهي وزارت چيو آهي ته حوثين طرفان ابها، خميس مشيط، جازان ۽ نجران شهرن ۾ شهري ۽ اقتصادي انفراسٽرڪچر تي حملن جي نتيجي ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت 73 سعودي شهري زخمي ٿيا آهن سعودي پرڏيهي وزارت ايڪس تي جاري بيان ۾ خبردار ڪيو ته بيگناهه شهرين ۽ شهري آبادين کي نشانو بڻائڻ واري حوثين جي ڪارروائين جا سنگين نتيجا نڪري سگهن ٿا. ان کان اڳ حوثي باغين دعويٰ ڪئي هئي ته سعودي عرب يمن جي صوبي الجوف جي شهر الحزم ۾ هڪ جيل تي هوائي حملو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا ۽ زخمي ٿيا. حوثي ميڊيا موجب، الحزم جي سينٽرل ڪرڪشنل فيسلٽي جي تباهه ٿيل عمارت جي ملبي مان هڪ عورت سميت 11 ڄڻن جا لاش ڪڍيا ويا، جڏهن ته وڌيڪ 20 ماڻهن جي ڳولا جاري آهي. حوثين موجب، سعودي عرب الجوف ڪانسواءِ البيضا، مارب، تعز ۽ الحديده صوبن ۾ به هوائي ۽ ڪروز ميزائل حملا ڪيا آهن حوثي فوج جي ترجمان دعويٰ ڪئي ته گذريل 24 ڪلاڪن دوران سعودي

سفارشن کي حتمي شڪل ڏئي سگهجي جنهن ۾ هڪ ٻيو وفاقي يونٽ قائم ڪرڻ جو رجحان به شامل آهي اعليٰ اختياراتي ڪميٽي جي سفارشن تي ٻڌل تفصيلي رپورٽ ۾ واشنگٽن، برلن، سنگاپور، اوٽاوا، ٽوڪيو، پيرس، ڪوپن بيگن، اسٽاڪ هوم، ڪينبرا، ڪوالالمپور، سيول، نئين دهلي ۽ کٺمنڊو سميت 13 عالمي راڄڌانين جو جائزو ورتو ويو آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته واشنگٽن ڊي سي هڪ وفاقي ضلعو آهي جتي مقامي طور تي چونڊيل ميئر ۽ ڪونسل موجود آهن، پر حتمي اختيار آمريڪي ڪانگريس وٽ رهندو آهي جيڪا شهر جي بجيٽ جي منظوري ڏيندي ۽ مقامي قانون کي رد ڪري سگهي ٿي. ضلعو ملڪيت، وڪرو ۽ آمدني تي لاڳاپيل ٽيڪسن جي ذريعي محصولات جمع ڪندو آهي. سخت مالي نگراني جي تحت ڪم ڪندو آهي ۽ مقامي پاليسي سازي ۾ شفافيت ۽ شهري شرڪت جي مضبوط روايت جي لاءِ سڃاتو ويندو آهي. انهي ماڊل جي خوبين ۾ مالي ۽ قانوني نگراني جي بلند معيار، مضبوط ضابطا جاتي نظام ۽ عوامي سطح تي فعال شرڪت شامل آهن. جيڪي مالي نظر وضبط ۽ جوابدهي کي هٿي ڏين ٿا پر انهي جي چيلنجز ۾ محدود حتمي خودمختياري ۽ ڪانگريس جو ڪنٽرول شامل آهي، جيڪو مقامي ترجيحات کي محدود ڪري سگهي ٿو ۽ شهرين ۽ جمهوري ڪوٽ جو تاثر پيدا ڪري سگهي ٿو.

بقايا *** 20

وڏيو سئو سالن ڪانپوءِ ڪنهن صوبائي اسيمبلي ۾ پيش ڪيو ويو هو. هن چيو ته بل ۾ ڪرسچن ڪميونٽي جي شادي جي عمر ٻن طئي ڪئي وئي آهي. مون بل جي حمايت ڪرڻ تي چرچ ليڊرشپ جو شڪرگذار آهيان. بل کي وڌيڪ غور لاءِ لاڳاپيل ڪميٽي ڏانهن اماڻيو ويو سنڌ اسيمبلي ۾ جماعت اسلامي جي ميمبر محمد فاروق ليوي ٽيڪس ختم ڪرڻ جي قرارداد پيش ڪئي صوبائي گهرو وزير ضياءِ الحسن لنجار چيو ته ليوي ٽيڪس ختم ڪرڻ وفاقي حڪومت جو معاملو آهي ۽ سنڌ حڪومت پاڻ ليوي ٽيڪس ختم نٿي ڪري سگهي، پر وفاقي حڪومت کان ليوي ٽيڪس ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪري سگهي ٿي، جنهن ڪانپوءِ سنڌ اسيمبلي وفاقي حڪومت کان ليوي ٽيڪس ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪندڙ قرارداد منظور ڪري ورتي. بعد ۾ سنڌ اسيمبلي جو اجلاس سياڻي منجهند 2 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو.

بقايا *** 21

آفيسرن، سيلرز، سول عملدارن، شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته پاڪ بحريه ملڪي سامونڊي مفادن جي تحفظ سان گڏ علائقائي امن جي فروغ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي سڄي ملڪ ۾ 8 سيپٽمبر تي يوم بحريه ملهايو ويو، جنهن جو مقصد پاڪ بحريه جي شهيدن ۽ غازين جي قربانين ۽ ڪارنامن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ آهي. سيپٽمبر 1965 ع جي جنگ دوران پاڪ بحريه پنهنجي پيشوراڻي صلاحيت، بهادري ۽ عزم جو ڀرپور مظاهرو ڪيو جڏهن ته آپريشن دوارڪا کي پاڪ بحريه جي تاريخ ۾ خاص اهميت حاصل آهي. صدر آصف علي زرداري پنهنجي پيغام ۾ چيو ته هو پاڪستان نيوي جي آفيسرن، سيلرز ۽ سول عملدارن جي بهادري کي خراج تحسين پيش ڪن ٿا. هن چيو ته 7 ۽ 8 سيپٽمبر 1965 ع جي وچ واري رات ڪيو ويو آپريشن سومنات پاڪ بحريه جي شاندار تاريخ ۾ بهادري ۽ عزم جو روشن مثال آهي. صدر مملڪت چيو ته مئي 2025 ع ۾ ٿيل معرڪ حق دوران به پاڪ نيوي اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ پنهنجي اعليٰ آپريشنل تياري ۽ پيشوراڻي صلاحيتن ذريعي پارٽي بحريه جي اثرائتي انداز ۾ روڪي رکيو پاڪ بحريه ملڪي سامونڊي مفادن جي تحفظ ۾ هميشه اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن چيو ته وچ اوڀر ۾ جاري تڪرار دوران آپريشن محافظ البحر ذريعي پاڪستان جي توانائي سلامتي کي يقيني بڻائڻ ۾ پڻ پاڪ بحريه اهم ڪردار ادا ڪيو پاڪستان نيوي جديد گهرجن مطابق پنهنجي صلاحيتن کي مسلسل بهتر ۽ جديد بڻائي رهي آهي، جڏهن ته هنگور ڪلاس آبدوزن، جديد جنگي جهازن، جهازن ۽ بغير پائلٽ وارن نظامن جي شموليت ان سلسلي ۾ اهم اڳڀرائي آهي. آصف علي زرداري چيو ته پاڪ بحريه نه رڳو ملڪ جي سامونڊي مفادن جو تحفظ ڪري رهي آهي، پر علائقائي امن جي قيام ۾ پڻ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. امن مشقن ۽ امن ڳالهين ذريعي پاڪ بحريه عالمي سهڪار جي فروغ ۾ مدد ڪري رهي آهي، جڏهن ته قدرتي آفتن ۽ هنگامي حالتن ۾ پڻ هڪ قابل اعتماد اداري طور فوري امدادي ڪارروائين جو حصو رهي ٿي.

بقايا *** 22

شعبي کي "سڪ ڪيئر" مان ڪڍي "هيلٿ ڪيئر" ڏانهن وٺي وڃڻو پوندو صحت جي نظام کي صرف اسپتال ڏانهن ۽ مريضن جو علاج ڪرڻ تائين محدود نٿي رکي سگهجي. پر بيمارين کان بچاءَ ۽ هيلٿ ڪيئر تي ڌيان ڏيڻو پوندو ڇاڪاڻ ته وڌندڙ آبادي ۽ بيمارين جي بار سبب ملڪ ۾ اسپتال، ڊاڪٽر، طبي عملو ۽ جديد طبي مشينري جي اڻ ۾ رڳو اضافو ڪرڻ صحت جي مسئلن جو ضابطو نٿو آڻي سگهجي. اهڙو اظهار هن اڄ ڏينهن سرينا هوٽل ۾ شرڪت جي حوالي سان منعقد تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو.

بقايا *** 23

ي سهڪار تنظيم (او آءِ سي) جي نئين سيڪريٽري جنرل سان ٽيليفون تي ڳالهائيندي چيو آهي ته اسلامي ملڪن کي ايران جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي پچڪري تي ذميوارانو ردعمل ڏيڻ گهرجي. ايراني خابرو اداري ارنا موجب، عباس عراقچي او آءِ سي جو سيڪريٽري جنرل مقرر ٿيڻ تي حسين ابراهيم طهٰ کي مبارڪباد ڏني ۽ نئين عهدي تي ڪاميابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو عراقچي اميد ظاهر ڪئي ته نئون سيڪريٽري جنرل اسلامي دنيا کي درپيش حالتن ۽ چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ اسلامي ملڪن وچ ۾ اتحاد ۽ رابطن کي هٿي وٺرائڻ ۾ او آءِ سي جي صلاحيتن کي اثرائتي نموني استعمال

پنجاب ۽ بهاولپور کي صوبو بڻائڻ بابت پنجاب اسيمبلي جون پراڻيون قراردادون هاڻ عملي حيثيت وڃائي چڪيون آهن. هڪ نجي ٽي وي کي انٽرويو ڏيندي راڻا ثناءُالله چيو ته ڏکڻ پنجاب ۽ بهاولپور جي حوالي سان پنجاب اسيمبلي ۾ قراردادون تقريبن 10 سال اڳ منظور ڪيون ويون هيون جيڪي پراڻيون ٿي چڪيون آهن. موجوده صورتحال ۾ اهي قراردادون هاڻ ڪم جون نه آهن هن وضاحت ڪندي چيو ته جيڪڏهن ڪنهن اسيمبلي جو مدو مڪمل ٿيڻ تائين ڪنهن قرارداد تي عمل نه ٿئي ته نئين اسيمبلين کي اختيار حاصل هوندو آهي ته اها معاملي تي ٻيهر قرارداد منظور ڪري يا نه ڪري. اسلام آباد کي ڌار صوبو ٺاهڻ جي سوال تي راڻا ثناءُالله چيو ته حڪومت کي اليڪشن ڪميشن طرفان آخري وارننگ ملي چڪي آهي ته وفاقي راڄڌاني ۾ بلدياتي چونڊون ڪرايون وڃن جيڪي منظور ٿيل بلدياتي ايڪٽ جي تحت ٿينديون. ملڪ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جي حوالي سان بحث تي ڳالهائيندي راڻا ثناءُالله چيو ته صوبن بابت پارليامينٽ ۾ ڳالهه ٿيڻ گهرجي ڇو ته اهو ئي انهي لاءِ مناسب فورم آهي، محسن نقوي جي بيانن بابت سوال تي راڻا ثناءُالله چيو ته وزيراعظم گهرو وزير کي ناهي روڪيو اهو پنهنجي ذاتي راءِ ڏيڻ ۾ آزاد آهي. هن چيو ته عوامي ريفرنڊم به آئين ۽ پارليامينٽ جي منظوري سان ئي مشروط آهي، نه ڪي وزيرن جي بيان سان.

بقايا *** 25

چوڌاري نوان سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا آهن. جنهن تحت جيل جي چوڌاري 8 اهم هنڌن تي پوليس چيڪ پوسٽون قائم ڪيون وينديون. پوليس ذريعن جو چوڻ آهي ته دگل، گيٽ نمبر 1، گيٽ نمبر 5، دواسازي فيڪٽري ۽ گورڪپور جي هنڌن تي چيڪ پوسٽون قائم ڪيون وينديون، جڏهن ته خانگي هائوسنگ سوسائٽي فيز 8، چڪري ۽ ٿاليان ۾ اضافي چيڪ پوسٽون پڻ قائم ڪيون وينديون. پوليس ذريعن موجب، اڊيالا جيل جي سيڪيورٽي لاءِ ڪل 435 پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويندا، رائٽ مئنيجمينٽ، ضلعي پوليس، ايليٽ فورس ۽ ڊولفن فورس جا اهلڪار سيڪيورٽي جا فرض سرانجام ڏيندا. پوليس ذريعن جو چوڻ آهي ته سيڪيورٽي پلان تحت، دگل کان گورڪپور تائين پيٽرول پمپ، هوٽل ۽ دڪان بند ڪيا ويندا، جڏهن ته اڊيالا جيل جي چوڌاري غيرضروري حرڪت تي به سخت نظر رکي ويندي. ذريعن موجب، سيڪيورٽي انتظامن جي نگراني ايس پي صدر ۽ ڊي ايس پي جي انچارج ڪندا. جڏهن ته نئون سيڪيورٽي پلان ايندڙ اطلاع تائين لاڳو رهندو.

بقايا *** 26

خلاف نه آهيون پر وقت ۽ حالتن کي به ڏسڻ گهرجي. هڪ طرفو ڪوبه فيصلو نه مڃيو انهي جي بحث ٿيڻ گهرجي. مولانا فضل الرحمان لاهور ۾ وحدت روڊ ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾ ختم نبوت ڪانفرنس ۾ خطاب ڪندي چيو ته 7 سيپٽمبر 1965 پاڪستان جي جغرافيائي حدن جي تحفظ جو واقعو آهي. 7 سيپٽمبر 1974 ع پاڪستان جي نظرياتي حدن جي تحفظ جو ڏينهن آهي. مولانا فضل الرحمان چيو ته ملڪ کي سياسي حوالي سان ڪمزور ڪيو ويو عوام کي رياست آهي، اسان يونٽ ٺاهڻ جي خلاف نه آهيون، اسان صوبن جي خلاف نه آهيون پر وقت ۽ حالتن کي به ڏسڻ گهرجي. هڪ طرفو ڪوبه فيصلو نه مڃيو انهي جي بحث ٿيڻ گهرجي. هن جو چوڻ هو ته صوبن وٽ معدني ذخيرا آهن ۽ 18هين ترميم جي تحت صوبا انهي جا مالڪ آهن، سياسي پارٽين کي انهي ۾ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو پيپلز پارٽي ڳالهيون ڪرڻ ته ڪندي آهي پر صرف سنڌ جي حد تائين، مسلم ليگ(ن) خاموش آهي انهي جي حيثيت غلام کان وڌيڪ جي نه آهي. مولانا فضل الرحمان چيو ته اسان ٻن قومي نظريي جي بنياد تي هڪ قوم نه ٺاهي سگهياسين، هتي لسانيت جي بنياد تي فسادات ڪرايا ويا، اسان پاڪستان جا اثاثا ٻاهرين قرضن تي رکيا آهن، نئون آبادياتي نظام ختم ٿي چڪو پر عالمي ادارا اڄ اسان جي ملڪ جو فيصلو ڪندا آهن، اڄ اسان ورلڊ بينڪ، آءِ ايم ايف جي قرضن جا محتاج بڻايا ويا آهيون، اسان جي معيشت جون پاليسيون اهي طئي ڪن ٿا اها نو آبادياتي نظام جي هڪ وڏي شڪل آهي. جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو ته ملڪ ۾ ان جو گهڻو ملڪ آهي هتي عوام کي رهڻو ڪونهي، ملڪ امن هتان طاقتور ٿيندو آهي، هتي ورهاست ڪان ورهاست آهي، مسلمان امت کي ورهايو پيو وڃي. هن چيو ته اسان پاڪستان جي غريب انسان کي عزت جي زندگي ڏيڻ چاهيون ٿا. اشرافيه جي سياست ۽ جابراڻو سياست هلڻ نه ڏينداسين. طاقت جي بنياد تي مذهبيات هلڻ نه ڏينداسين. اسان کي توهين رسالت جي قانون جي خلاف سمورين تحريڪن کي ناڪام بڻائڻو آهي.

بقايا *** 27

نگ دوران ويسٽ بئنڪ ۽ اوڀر يروشلم تي قبضو ڪيو جنهن ڪانپوءِ اتي وڏي انگ ۾ يهودي آباديون قائم ڪيون ويون. موجوده دور ۾ ويسٽ بئنڪ ۾ لکين اسرائيلي آبادگار رهن ٿا، جڏهن ته لکين فلسطيني پڻ ساڳئي علائقي ۾ رهن ٿا. فلسطيني اوڀر يروشلم ڪناري کي غزا سان گڏ پنهنجي مستقبل جي آزاد رياست جو حصو بڻائڻ چاهين ٿا، تنهنڪري هن علائقي جي حيثيت ٻن رياستن واري حل لاءِ مرڪزي اهميت رکي ٿي. اسرائيلي آبادين واڌ کي عالمي برادري ۽ گڏيل قومن طرفان عالمي قانون جي ڀڃڪڙي قرار ڏنو ويو آهي. اسرائيلي آبادگارن طرفان ويسٽ بئنڪ ۾ اسرائيلي آبادگارن طرفان فلسطيني شهرين خلاف تشدد ۽ بي دخلي جا واقعا پڻ وڌيا آهن گڏيل قومن جي انساني حقن واري آفيس موجب، اسرائيلي آبادين جي واڌ ۽ ان سان لاڳاپيل سرگرمين سبب فلسطيني آبادي جي بي دخلي ۾ واڌ ٿي آهي. واضح رهي ته 2022 ع ۾ بنيامين نيتن يا هو جي ٻيهر اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ آبادين جي واڌ ۾ تيزي آئي، جڏهن ته 7 آڪٽوبر 2023 ع تي حماس جي اسرائيل تي حملي ڪانپوءِ غزا ۾ شروع ٿيل جنگ دوران اولهندي ڪناري ۾ به ڇڪتاڻ ۽ آبادڪارن جي تشدد

جڏهن ته ان موقعي تي سي اي او ڊاڪٽر عيسيٰ ليبارٽري اينڊ ڊائيگنوسٽڪ سينٽر ۽ اعزازي ڪمانڊر سرجن ڊاڪٽر فرحان عيسيٰ، مشهور ڪاروباري شخصيتون عارف حبيب، ريحان هاشمي، ايم پي اي ايم ڪيو ايم پاڪستان جمال احمد، ۽ سياسي ۽ سماجي شخصيتن جو وڏو انگ موجود هو ان موقعي تي عورت ڪاروباري ۽ نوجوان ڪاروباري شخصيتن مختلف اسٽال پڻ لڳايا ۽ عورتن جي بائيڪ ريلي جو انعقاد ڪيو مختلف شعبن ۾ شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ عورتن کي ايوارڊن سان پڻ نوازيو ويو تقريب کي خطاب ڪندي گورنر سنڌ چيو ته ملڪ جي ترقي لاءِ عورتن جو ڪردار تمام اهم آهي. هن چيو ته سنڌ جو هر ٻار ان قومي عزم کان واقف آهي جنهن تحت اسان جي هٿياربند فوج هميشه پياري وطن جي دفاع ۽ سلامتي

فنگوروجي سهڪار سان، ڪراچي ۾ هڪ ماڊل فارم قائم ڪيو ويندو جيڪو انهن جديد نسل جي ٻورن جي نمائش جو ڪم ڪندو. تقريب جي آخر ۾، صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي فنگوروجي انتظاميا کي باضابطه طور تي سنڌ لائيو اسٽاڪ ايڪسپو 2026_27 ۾ مڪمل طور تي حصو وٺڻ جي دعوت ڏني.

بقايا *** 31

وزيراعظم جي عهدي لاءِ نااهل قرار ڏنو هڪ اهڙي رپورٽ سامهون اچڻ کان پوءِ جنهن موجب گڏيل عرب امارات (يو اي اي) 7 آڪٽوبر 2023 ع تي حماس جي حملي کان اڳ کيس خبردار ڪيو هو اخبار هاريٽز پنهنجي صحافين جي جلد شايع ٿيندڙ ڪتاب مان ورتل هڪ رپورٽ ۾ چيو آهي

### بقايا عوامي سوچ 01

ڪالوني ميگهواڙ پاڙو ۾ استاد تاراچند ۽ استاد ديوجي رٽائرمينٽ کان پوءِ ڪافي ڏينهن کان اسڪول بند پيل آهي اسين ڳوٺاڻا وزيري تعليم سائين سردار علي شاه اي ڊي او ٿرپارڪر شمس الدين راڻوڙ صاحب ۽ اعلي اختيارين کي اپيل ٿا ڪريون ٿا اسان کي ٽيچر ڏنا وڃن واضعي ڪندو هلان ته ڳوٺاڻن جو اهو چوڻ آهي ته اسان جي اسڪول ۾ ٽوٽل 203 شاگرد داخل آهن جن جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي ٻار تعليم جهڙي زيور کان پري ٿي ويا ڳوٺاڻن احتجاج ڪندي پاڪستان زند باد پاڪ فوج زند باد تعليم زند باد جا نارا پڻ هنيان ڳوٺاڻن مطالبو ڪيو ته جلد کان جلد جيتاڪالوني اسڪول کي ٽيچر ڏنا وڃن جئن ته ٻارن جي تعليم متاثر نه ٿي

### بقايا عوامي سوچ 02

چيئرمين ۽ مهراج برادري جي شفيق انسان ۽ اين اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي جي مامي سرڳواسي پڳٽ ماتورام مهراج جي ديهانت تي سندس پٽن پڳٽ وينيش مهراج، پڳٽ سنيل مهراج، ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي سان تعزيت ڪندڙن ۾ پ پ پ اڳواڻ ڪنور ڪرني سنگهه سوڍو، ڊي سي ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي، اي ڊي سي ون هاشم مسعود، اي سي مٺي عمير اشرف، سي اي او بلا 2 عامر اقبال، فرحان انصاري، ديوان پمر لال سوٿهڙ، ڇهن گر گوسوامي، صحافي ڪاڻائوجاني، نندلال لوهاڻو، علي گل رند، جئه ديوجوشي ۽ ٻيا به شامل آهن ۽ تعزيتي سلسلو جاري آهي

### بقايا عوامي سوچ 03

اب ويندڙ مال بردار ريل گاڏي فني خرابي سبب اچانڪ ڳوٺ محمد ابڙا وٽ بيهي وئي. جنهن سبب ڊائون ٽريڪ تي ڪجهه دير لاءِ ريل گاڏين جي آمد و رفت متاثر ٿي وئي ريلوي عملدارن جي اطلاع تي متبادل انجڻ گهرائي، خراب ٿيل گاڏي کي واپس ريورس ڪري ريلوي اسٽيشن اوڏيرولال جي لوپ لائين تي بيهاريو ويو. انجڻ تبديل ٿيڻ بعد خراب ٿيل گاڏي کي سائڊ تي لڳايو ويو جنهن بعد ٽريڪ بحال ڪيو ويو ۽ ڪراچي کان پنجاب ويندڙ ۽ پنجاب کان ڪراچي ايندڙ گاڏين جي آمد و رفت بحال ٿي وئي

### بقايا عوامي سوچ 04

موبائيل فون ڏسڻ جو بهانو ڪري موبائل کڻي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. دڪاندار ڪامران قريشي فورن چور جو پيڇو ڪيو ۽ ڪيس پڪڙي ورتو. واقعي ڪانپوءِ ظفر موبائيل مارڪيٽ جا ٻيا دڪاندار پڻ پهچي ويا ۽ شڪي چور کي قابو ڪيو دڪاندارن '15' پوليس کي ايمرجنسي سروس جي ذريعي اطلاع ڪيو 15 جو انچارج اسلم دائرو واقعي واري هنڌ پهچي پڪڙيل چور کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو ۽ واقعي جي وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڏني. شروعاتي رپورٽن موجب، پڪڙيل شخص جو تعلق خير محمد ڳوٺ سان ٻڌايو پيو وڃي.

### بقايا عوامي سوچ 05

س پي ساجد امير سزدوئي جي چارج سنڀالڻ ڪانپوءِ ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڦر ڌاڙن ۽ موٽرسائيڪلون ڦرڻ جون وارداتون جاري آهن، جنهن سبب شهرين ۽ واپارين ۾ خوف ۽ ڳڻتي پکڙجي وئي آهي. اڄ صبح ڪپرو ناڪا چوڪ تي واقع نياز پي سي او ۾ نامعلوم جوابدارن دڪان جي تالن تي ايلي لڳائي دڪان بند ڪري ڇڏيو. دڪاندار پاران تالا کولڻ دوران مبينا جوابدار لڳ ڀڳ 4 لک رپيا، ٻه موبائل فون ۽ ٻيو سامان سان ڀريل ٿيلهو کڻي فرار ٿي ويا. واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ سامهون اچي وئي آهي، جنهن ۾ مبينا جوابدارن جا چهرا واضح طور نظر اچي رهيا آهن. ٻئي طرف جهڏڀي روڊ تي پيل ڪالوني پرسان ٻن هٿيارٻندن گن پوائنٽ تي جاويد سميجو کان هونڊا 125 موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا. گڏريل ڏينهن ٽنڊو آدم ناڪا پرسان ٻن هٿيارٻندن واپاري شاه بخش ڪوسو کان ساڍا 9 لک رپين کان وڌيڪ رقم ڦر ڪئي. مزاحمت ڪرڻ تي جوابدارن ڪيس ٽنگ ۾ گولي هڻي زخمي ڪري ڇڏيو جڏهن ته ڏڪڙي، ميرواه ۽ ٻين ٿاڻن جي حدن ۾ پڻ موٽرسائيڪلون، روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦرڻ جون وارداتون رپورٽ ٿيون آهن. مسلسل ڦرجي وارداتن سبب شهرين ۽ واپارين ۾ سخت بيچيني پکڙيل آهي. شهرين پوليس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ڌوهارين خلاف ڪارروائي تيز ڪري ڦريل سامان واپس ڪرايو وڃي ۽ ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي شهرين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

### بقايا عوامي سوچ 06

ر ڪرڻ جي حوالي سان گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺي کان جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ وڏي انگ ۾ تعليم کاتي جي آفيسرن، استادن ۽ شاگردن ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ پڙهندي سنڌ وڌندي سنڌ، پنهنجن ٻارن کي سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرايو، سرڪاري اسڪولن جي مالڪي ڪريو جي نعرن سان سجاڳيءَ جو پيغام پهچايو ويو ريلي ۾ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ٿرپارڪر نصر الله ساهڙ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر لٽريسي ٿرپارڪر ارجن لال سوٿهڙ، محمد صديق دل تعلقه ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري مٺي، عطاءُ الرحمان بجير تعلقي ايجوڪيشن آفيسر پرائمري مٺي، هدايت الله ٻچاڻي هيڊ ماسٽر گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺي، جيتيش رائي صدر گسٽا ٿرپارڪر، هوتچند لڪاڻي، اين سي ايڇ ڊي مٺي جي نمائندن برڪت علي بجير، چندر مالهي، پيشم ڪوٺاري ۽ ٻين تعليم جي ترويج ۽ اهميت کي اجاگر ڪيو ۽ پيغام ڏنو ته پنهنجي ٻارن جي بهتر مستقبل لاءِ، انهن کي غلامي مان نجات ڏيارڻ لاءِ، ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ پنهنجي ٻارن کي جديد دور سان هم آهنگ ڪرڻ جي لاءِ انهن کي سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرايو اسڪولن کان ٻاهر ٻارن جي سببن ۽ انهن کي داخل ڪرائڻ جي حوالي سان زور ڏنو ۽ چيو ته خواندگي جو عالمي ڏينهن ملهائڻ جو مقصد والدين تائين سجاڳيءَ جو پيغام پهچائڻ آهي ته جيئن هو تعليم جي اهميت ۽ افاديت کي سمجهن تعليم کاتو استادن جي مهارتن کي وڌائڻ جي لاءِ مختلف تربيتي ورڪشاپ پڻ ڪرائي رهيو آهي ته جيئن تعليم جي معيار کي اڃا وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي. وزير تعليم سنڌ سيد سردار شاه تعليم جي ترويج ۽ ترقيءَ لاءِ ڀرپور ڪوششون وٺي رهيا آهن ۽ جديد نظام متعارف ڪرائي رهيو آهي ته جيئن تعليم جي عمل کي وڌيڪ موثر بڻائي سگهجي

### بقايا عوامي سوچ 07

نديم راجپوت ڪئي تقريب ۾ پاڪستان زنده باد موومينٽ جي چيئرمين زبير قريشي، وائيس چيئرمين سردار رانا رياض، رانا عارف [illegible]

### بقايا عوامي سوچ 08

[illegible]

جي اڏن خلاف ڀرپور ۽ اثرائتي ڪارروائي ڪئي وڃي. هن واضح ڪيو ته جيڪڏهن ڪنهن ٿاڻي جي حد ۾ منشيات جو ڪاروبار جاري رهيو ۽ لاڳاپيل آفيسر پاران مؤثر ڪارروائي نه ڪئي وئي ته ذميوار پوليس آفيسر خلاف به کاتي اندر سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. ايس ايس پي وڌيڪ چيو ته ڪو به پوليس آفيسر يا اهلڪار منشيات جو استعمال ڪندو، جيڪڏهن ڪو اهلڪار منشيات جي استعمال ۾ ملوث مليو ته ان خلاف سخت محڪمانه ڪارروائي ڪئي ويندي، جڏهن ته وارننگ باوجود ٻيهر پڪڙجڻ جي صورت ۾ نوڪري مان برطرفي تائين جي ڪارروائي ٿي سگهي ٿي. اجلاس ۾ روپوش ۽ اشتهاري جوابدارن جي گرفتاري لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ ۽ کين جلد گرفتار ڪرڻ جون پڻ هدايتون جاري ڪيون ويون. ايس ايس پي ميرپورخاص چيو ته ڪنهن به ٿاڻي جي حدن ۾ ڏوهن جي صورتحال تي لاڳاپيل ايس ايڇ او جوابده هوندو ۽ ڏوهن جي روڪٿام ۾ غفلت يا ناڪامي جي صورت ۾ کاتي اندر ڪارروائي ڪئي ويندي. هن سمورن آفيسرن کي ٿاڻن ۾ صفائي سترائي جا خاص انتظام يقيني بڻائڻ سان گڏ پوليس آفيسرن ۽ جوانن جي ٽرن آئوٽ، نظم و ضبط ۽ مجموعي رويي کي بهتر رکڻ جون پڻ سخت هدايتون جاري ڪيون.

### بقايا عوامي سوچ 09

ميرپورخاص جي اسٽيشن روڊ تي انتظاميا پاران حدخلين خلاف ڪارروائي جاري آهي. ڪارروائي دوران روڊ ۽ فوٽ پاٿن تي قائم غيرقانوني حدخلين ۽ رڪاوٽون هٽايون پيون وڃن. انتظاميا جو چوڻ آهي ته ڪارروائي جو مقصد ٽريفڪ جي رواني بهتر بڻائڻ، پيادل هلندڙ شهرين لاءِ رستا بحال ڪرڻ ۽ شهر جي اهم شاهراهن کي حدخلين کان پاڪ ڪرڻ آهي. انتظاميا دڪاندارن ۽ شهرين کي هدايت ڪئي آهي ته سرڪاري حدن اندر غيرقانوني قبضا ۽ حدخليون قائم ڪرڻ کان پاسو ڪن.

### بقايا عوامي سوچ 10

جوابدارن کي قانون موجب سزا ڏيڻ ۽ گڏريل رات پرشوتم جي ڀاءُ ماسٽر منور لال تي حملو ڪندڙ محبوب رند تي ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪيو وڃي خبر موجب سنڌي هاري تحريڪ ضلع بدين جي جنرل سيڪريٽري پرشوتم ڪولهي ۽ سندس ڀائرن تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ خلاف عوامي تحريڪ جو اجلاس ڪوڙن ڪيسن ۽ حملي جي مذمت ۽ باثرن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو مطالبو احتجاج جو چوتاءِ اڳواڻ مهراڻ درس مختيار بڪاري ايڊووڪيٽ محبت هاليپوٽو ايڊووڪيٽ فاضل زئور جيون ڪمار ڪولهي ستو ڪولهي سومار هاليپوٽو سچل هاليپوٽو مهيندر ڪولهي رشيد هاليپوٽو جئه ميگهواڙ موهن ڪولهي ۽ ٻين چيو آهي ته هاري اڳواڻ رامجي ڪولهيءَ جو زرعي زمين جو ڪيس سيٽلر ملڪن سان هلنڊڙ آهي جيڪو هاٿي رامجي جي فوتگيءَ ڪانپوءِ سندس ڀائرن رامچند پرشوتم جو لالچائي رڙ جهيڙا ڪرائي پنهنجي زمين تان بيدخل ڪرڻ چاهين تا ۽ ٻنيءَ تي قبضو ڪرڻ جون سازشون ڪري رهيا آهن ۽ پوليس سندن ونگارو بنجي ڪوڙا ڪيس ڪري رهي آهي هن گهر ڪئي آهي ته باثر ماڻهن خلاف سخت قدم کڻي هاري اڳواڻ کي تحفظ ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

### بقايا عوامي سوچ 11

سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ مدوائيفري اسڪول جي شاگردياڻين ۽ ٻين عملي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سيمينار کي خطاب ڪندي ضلعي صلاحڪار آفيسر رٽائرڊ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج سليم رضا بلوچ چيو ته ڪم واري هنڌ هراسان ڪرڻ هڪ سنگين مسئلو آهي، جيڪو ڪنهن ساٿي ملازم، آفيسر يا اداري سان لاڳاپيل ڪنهن به شخص طرفان ٿي سگهي ٿو عورتن کي اهڙي هراسان ڪرڻ کان تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ هي ايڪٽ 2010 ۾ نافذ ڪيو ويو جنهن جو مقصد ڪم ڪندڙ عورتن لاءِ محفوظ، باعزت ۽ سازگار ماحول فراهم ڪرڻ آهي هن چيو ته صوبائي محتسب سنڌ جو ادارو سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ماڻهن کي سندن گهرن جي ويجهو انصاف ۽ قانوني تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. اڳ هراسان ڪرڻ بابت شڪايتون داخل ڪرائڻ لاءِ ماڻهن کي ڪراچي وڃڻو پوندو هو، پر هاڻي ضلعي سطح تي پڻ شڪايت داخل ڪرائڻ جي سهولت موجود آهي، جنهن سان متاثر عورتن لاءِ انصاف تائين رسائي وڌيڪ آسان ٿي وئي آهي سليم رضا بلوچ چيو ته هر سرڪاري ۽ لاڳاپيل ادارو قانون تحت ڪم واري هنڌ هراسان ڪرڻ جي شڪايتن جي جاچ لاءِ انڪوائري ڪميٽي قائم ڪرڻ جو پابند آهي. جيڪڏهن ڪنهن شڪايت ڪندڙ کي انڪوائري ڪميٽي جي جوڙجڪ يا ڪارروائي بابت اعتراض هجي ته قانون ۾ موجود طريقيڪار تحت ان بابت پڻ شڪايت ۽ قانوني داد رسي حاصل ڪري سگهجي ٿي هن چيو ته هراسان ڪرڻ جا مختلف روپ ٿي سگهن ٿا، جن ۾ جنسي نوعيت جو رويو، نازيبا يا توهين آميز لفظ، اڻ وڻندڙ پيغام، لکيل يا اليڪٽرانڪ پيغام، نامناسب اشارا، ڌمڪيون يا اهڙو رويو جيڪو ڪم واري هنڌ ڪنهن شخص جي عزت، وقار يا تحفظ کي متاثر ڪري شامل آهن. اهڙي ڪنهن به رويي کي برداشت ڪرڻ بدران متاثر شخص کي قانوني حق استعمال ڪندي شڪايت داخل ڪرائڻ گهرجي ضلعي صلاحڪار آفيسر چيو ته شڪايتن ۽ انڪوائري سان لاڳاپيل سموري ڪارروائي کي قانون موجب رازداري سان انجام ڏنو ويندو، جيئن شڪايت ڪندڙ کي ڪنهن قسم جي سماجي يا اداري واري دٻاءَ جو سامنا نه ڪرڻو پوي. هن چيو ته قانون جو بنيادي مقصد سزا ڏيڻ سان گڏ ڪم واري هنڌ تي محفوظ ۽ باوقار ماحول کي يقيني بڻائڻ آهي هن قانون تحت ممڪن سزائن بابت آگاهي ڏيندي چيو ته ڏوهه ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ معافي، وارننگ، انڪريمينٽ روڪڻ، ترقي يا ٽائيم اسڪيل کي مقرر مدي تائين روڪڻ ۽ متاثر شخص يا عورت کي معاوضو ڏيڻ جهڙيون سزائون لاڳو ٿي سگهن ٿيون، جڏهن ته سنگين نوعيت جي ڪيسن ۾ عهدو گهٽائڻ، جبري رٽائرمينٽ ۽ ملازمت مان برطرفي جهڙيون سخت سزائون پڻ قانون تحت ڏئي سگهجن ٿيون هن وڌيڪ چيو ته قانون جو دائرو صرف سرڪاري ادارن تائين محدود ناهي، پر خانگي ادارن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن کي پڻ تحفظ فراهم ڪيو ويو آهي ۽ قانون جي ڀڃڪڙي جي صورت ۾ لاڳاپيل اداري خلاف قانون موجب ڪارروائي ٿي سگهي ٿي سليم رضا بلوچ چيو ته هراسان ٿيڻ جو مسئلو صرف عورتن تائين محدود نه آهي، مرد پڻ اهڙي رويي جو شڪار ٿي سگهن ٿا، جڏهن ته ڪوڙي يا بدنيتي تي ٻڌل شڪايت ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ قانون موجب ڪارروائي جو پڻ انتظام موجود آهي. هن [illegible]

### بقايا عوامي سوچ 16

[illegible]

### بقايا عوامي سوچ 17

[illegible]

متاثر ماڻهن کي بروقت قانوني تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪري سگهجي.

### بقايا عوامي سوچ 12

ڪو فيض الله ڏاهري، معروف ايڊووڪيٽ سپريم ڪورٽ احسان گل ڏاهري جي همشيره پرنسپال گرلز هاءِ اسڪول شهدادپور آپا نعمت خاتون رضا الاهي سان وفات ڪري وئي، جنهن جي جنازي نماز قاسم آباد حيدرآباد ۽ درگاه لواري شريف تي ادا ڪئي وئي، جنهن بعد درگاه لواري شريف جي تاريخي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم جي جنازي نماز ۾ سياسي سماجي رهنمائن ايم اين اي سيد وسيم حسين، ايم پي اي صابر قائم خاني، چيئرمين سپريم ڪميٽي نشات مير مقبول احمد ٽالپر پير آف لواري شريف جن جي مئنيجر عبدالرحمان بلوچ سميت عزيز ۽ عقارين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، مرحوم جي سوڳوارن ۾ ڀائر عرفان گل ۽ عمران گل ڏاهري سميت ٻه پٽ عاشق مجتبي زين ۽ هڪ نياڻي پڻ آهي. مرحوم جو تذو سندس قاسم آباد واري رهائشگاه تي وڇايو ويو آهي جتي دعا جو سلسلو جاري آهي.

### بقايا عوامي سوچ 13

محمد پاران يو سي وائز تنظيم سازي جي حوالي سان هڪ اهم اجلاس مقامي هال ۾ منعقد ڪيو ويو، جنهن جي ميزباني تعلقي صدر سعيدالله مهر ۽ جنرل سيڪريٽري ذوالفقار علي قائم خاني ڪئي. اجلاس ۾ ضلعي ميرپورخاص جي صدر مبارڪ علي مهر خاص طور شرڪت ڪئي، جڏهن ته حاجي محمد اسماعيل راڄڙ، سردار فاروق لغاري، رحمان گاهي علي بخش مهر، الله بخش پيو، احمر ملڪ سميت ٻين معززن ۽ پارٽي اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي. اجلاس دوران تعلقي ڪوٽ غلام محمد جي مختلف يونين ڪائونسلن جي عهديدارن جو باقاعده اعلان ڪيو ويو ان موقعي تي پارٽي ڪارڪنن، معززن، حر جماعت ۽ اقليتي برادري سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ضلعي صدر مبارڪ علي مهر خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل تعلقي ڪوٽ غلام محمد ان شاءَ الله وڌيڪ مضبوط، منظم ۽ فعال انداز ۾ اڳتي وڌندي. هن چيو ته يونين ڪائونسل سطح تي تنظيم سازي سان پارٽي ڪارڪنن ۽ عوام سان رابطا وڌيڪ مضبوط ٿيندا. اجلاس جي شروعات ۾ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل تعلقي ڪوٽ غلام محمد پاران آيل سمورن معزز مهمانن کي سنڌ جي ثقافتي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا. آخر ۾ تعلقي صدر سعيدالله مهر ۽ جنرل سيڪريٽري ذوالفقار علي قائم خاني سمورن مهمانن ۽ شرڪت ڪندڙن جو ٿورو مڃيا

### بقايا عوامي سوچ 14

ي. هي بدين ضلعي جي ڪنهن تعليمي اداري ۾ سامي فائونڊيشن پاران قائم ڪيل پنهنجي نوعيت جو پهريون آواز ڪارنر آهي تقريب کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي سامي فائونڊيشن جي هن قدم کي ساراهيندي ان کي نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ طرف هڪ اهم قدم قرار ڏنو. هن چيو ته آواز ڪارنر نوجوانن کي پنهنجي برادري کي درپيش مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ انهن بابت آگاهي پيدا ڪرڻ ۽ اهم ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪندو هن وڌيڪ چيو ته نوجوانن کي اڳتي اچي پنهنجي سماجي ذميوارين کي پورو ڪرڻ ۽ فعال ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ان موقعي تي يونيورسٽي آف سنڌ، لاڙ ڪيمپس بدين جي ڪوآرڊينيٽر ڊاڪٽر محمد طفيل چانڊيو چيو ته سامي فائونڊيشن جي سهڪار سان ڪيمپس ۾ آواز ڪارنر قائم ڪرڻ جو مقصد نوجوانن کي اهڙو پليٽ فارم فراهم ڪرڻ آهي، جتي هو تشدد ۽ واقعن ۽ ٻين سماجي مسئلن جي رپورٽ ڪري سگهن، جيڪي کين، سندن آس پاس جي ماڻهن يا وسيع برادري کي متاثر ڪن ٿا سامي فائونڊيشن آواز_II پروگرام بدين جي ضلعي مينيجر ساوڻ لطيف جوڻيجو پروگرام جي جاري سرگرمين تي روشني وڌي. هن ٻڌايو ته سامي فائونڊيشن بدين جي سمورن ڪائونسلن سيراني، پير فتح شاه ۽ ڪاڏي قاضيا ۾ صنفي بنياد تي تشدد (GBV)، گهٽ عمري ۽ جبري شادين، انساني اسمگلنگ ۽ ٻارن جي تحفظ سميت مختلف سماجي مسئلن تي ڪم ڪري رهي آهي هن وڌيڪ ٻڌايو ته ضلعي سطح تي ڊسٽرڪٽ فورم قائم ڪيو ويو آهي، جڏهن ته معذور ماڻهن جي مسئلن ۽ شموليت لاءِ SIG گروپ پڻ قائم ڪيو ويو آهي. هن چيو ته لاڙ ڪيمپس ۾ آواز ڪارنر جو قيام هڪ اهم سنگ ميل آهي، جيڪو انهن سماجي مسئلن کي سامهون آڻڻ، رپورٽ ڪرڻ ۽ اجاگر ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪندو، جيڪي اڪثر لڪل رهجي ويندا آهن ۽ رپورٽ ناهن ٿيندا افتتاحي تقريب ۾ انفارميشن آفيسر عرفان علي جوڻيجو، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ عبدالرحمان ڏيٿو، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر چائلڊ پروٽيڪشن دين محمد ڏيرو، پرنسپل گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول عبدالجبار جوڻيجو بدين زاهد جاکرو سميت ٻين سرڪاري آفيسرن، فيڪلٽي ميمبرن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي آواز ڪارنر جي قيام کي نوجوانن جي آواز کي مضبوط ڪرڻ ۽ تشدد، حقن جي ڀڃڪڙين ۽ ٻين سماجي مسئلن جي نشاندهي، رپورٽنگ ۽ حل لاءِ هڪ اهم قدم قرار ڏنو ويو.

### بقايا عوامي سوچ 15

شنر ميرپورخاص ڪنور شجاعت علي جي صدارت هيٺ ضلعي اليڪشن ڪمشنر آفيس ميرپورخاص ۾ INVR_5 ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي (IDCC) جو اهم اجلاس منعقد ٿيو. اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر فيصل علي سومرو، ايڊيشنل ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ عبدالوهاب، ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر خالد احمد، سي ايس ايس پي جي محمد بخش ڪپري سميت ضلعي انتظاميا، نادرا، اطلاعات، تعليم، صحت، سوشل ويلفيئر، ضلعي بار ايسوسيئيشن ۽ غير سرڪاري تنظيمن (CSSP)، عورت فائونڊيشن) جي نمائندن شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن عورتن جي ووٽ جي رجسٽريشن کي يقيني بڻائڻ ۽ مردن ۽ عورتن جي ووٽرن وچ ۾ موجود صنفي فرق (Gender Gap) کي گهٽ ڪرڻ لاءِ پنهنجون تجويزون ۽ رايا پيش ڪيا. ان موقعي تي ضلعي اليڪشن ڪمشنر ڪنور شجاعت علي چيو ته اجلاس جو مقصد اهل ووٽرن، خاص طور تي عورتن جي ووٽ جي رجسٽريشن کي يقيني بڻائڻ ۽ چونڊ عمل ۾ عورتن جي اثرائتي شموليت لاءِ عملي قدمن کي هٿي وٺرائڻ آهي. اجلاس ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته عورتن جي ووٽ جي رجسٽريشن جي اهميت اجاگر ڪرڻ لاءِ گراس روٽ سطح، خاص طور تي ڳوٺن ۽ پاڙن ۾ مؤثر آگاهي مهم ۽ عملي [illegible]

وڏي وڏي پوري سال جو وڏو نقصان ٿيڻ لڳو ٿو پارڪرجي ماڻهن جو نوڪري چاڪري کان وڌيڪ گذر سفر ٻنين ۽ مال تي هوندو آهي مال بڪ جي ڪري مرڻ لڳو ٻنين ۾ فصل سڪي ويو هارين جا ٻئي هٿ مٽي تي هزارين روپيه خرچ ڪري ٻنيون آباد ڪيون آهو خرچ ضايع ٿي ويو ٿر پارڪرجي هن وقت ڏاڍي صورتحال سنگين صورت اختيار ڪري وئي ٻئي طرف مهانگائي جو عذاب غريب عوام جو جيئڻ جنجال ٿي ويو هر روز تيل ڪاڏي ٻيتي جي شين ۾ واڌ ٿيڻ لڳي گاه فصل نه هجڻ جي ڪري مال ڪمزوز ٿي ويو پڙي ۾ مال تڪي ۾ وڪامڻ لڳو سنڌ حڪومت کي گهرجي ٿر پارڪرجي مارو ماڻهن جي مال جي چاري جو بندوبست ڪري ٿر پارڪر ۾ امدادي رليف جو انتظام ڪري جئين سٺي نموني ٿري ماڻهو زندگي گذاري سگهن

### بقايا عوامي سوچ 18

ڳوٺ هاشم خاصخيلي ۾ رفاهي پلاٽ تان هلندڙ پراڻو تنازعو هاڻي جاني تصادم ۽ خونريزيءَ جو سبب بڻجي سگهي ٿو مقامي ماڻهن موجب، هن سڄي تڪرار جا مک ذميوار اڳوٽو ڊي سي فود اشفاق ميمڻ ۽ وقار پاٽولي آهن. انهن 1991ع ۾ ميمڻ ڳوٺ جي مقامي ماڻهن کان غير قانوني سمال انڊسٽريل ايريا لاءِ گڏيل (جوائنٽ) کاتن مان ڪجهه سروي نمبر خريد ڪيا هئا. انهن خريداريءَ جي ڀهاني سان ڳوٺ هاشم خاصخيليءَ جي ناڪلاس نمبر 336 جي زمين تي قبضو ڪيو تازو تيل پمپ مان واضح ٿيو آهي ته 4 کان 5 فئڪٽريون ڳوٺ جي ناڪلاس واري زمين ۾ اچن ٿيون. هوڏانهن سرمد شيخ جنهن 30 سالا پٽي واري پلاٽ جي دعويٰ ڪري رهيو آهي، ان بابت ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته 1990ع ۾ ڳوٺ وارن ان جي رضا منديءَ سان ڪاليج جي تعمير لاءِ ان زمين جي چٽوڪندي (چارديواري) ڏني وئي هئي. بعد ۾ اها زمين مبينا طور شير علي ولد آدم جي نالي الاٽ ڪئي وئي، جنهن اها زمين نيازيءَ کي ۽ نيازيءَ وري ڪراچي پبلڪ اسڪول جي مالڪ اڪبر بوريءَ کي وڪرو ڪئي. جڏهن ته ديه جي ميپ (نقشي) ۾ به ان زمين جي واضح پوزيشن ناڪلاس 336 لکيل آهي. ان کان علاوه سيٽي مليئر جي 30 سالا ليز 2018ع ۽ 2022ع ۾ ختم ٿي چڪ آهي، تنهن ڪري اها زمين اصل ۾ ڳوٺ جي هئي، ڳوٺ جي آهي ۽ ڳوٺ جي ئي رهندي. اهل هاشم خاصخيلي ڳوٺ آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير، وزيراعظم، وڏي وزير سنڌ، صوبائي گهرو وزير، آءِ جي سنڌ، محتسب اعلا سنڌ، ڪور ڪمانڊر ڪراچي، ڊي جي رينجرز ۽ ايس ايس پي مليئر کان پرزور مطالبو ڪن ٿا ته لينڊ مافيا جي سرغنه سرمد شيخ خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، ڪيس ڳوٺ جي زمين تي اچڻ کان روڪيو وڃي ۽ انڊسٽريل ايريا جي زمين جي سرڪاري ماپ ڪرائي وڃي. ان سان گڏوگڏ لي آئوٽ پلان جي به جاچ ڪئي وڃي، جنهن کي مبينا طور 5 ڀيرا تبديل (ريوائيز) ڪيو ويو آهي. ڳوٺاڻن عزم جو اظهار ڪندي چيو آهي ته هو پنهنجي ننگ، ڏنگ، گهرن ۽ چارديواريءَ جي تحفظ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهن ۽ پنهنجون جانيون به قربان ڪري سگهن ٿا. جيڪڏهن کين ٻيهر تنگ ڪيو ويو يا ڪا شطارت ڪئي وئي ته فئڪٽرين خلاف سخت هڙتال ڪئي ويندي. "تنگ ٿيندا سين ته جنگ ڪنداسين!"

### بقايا عوامي سوچ 19

ام خميس جي رات بلوچستان لڳ ڪنڌ جهنگ سنڌس آخري آرام گاه تي نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو پيو وڃي، جنهن ۾ مولودن جي محفل سميت مولوي مير حسن بوهڙ جن وعظ ڪرڻ فرمائيندا، ميلي جا مهمان خاص سردار مير وڏيرو رسول بخش جاکرو نٿو سردار صالح محمد پوتاڻي بلوچستان، صوبائي وزير سيد رياض حسين شاه شيرازي، اڳوٺو ايم پي اي سردار جام گهرام خان جوکيو جن هوندا، ميلي ۾ لنگر عام جي بندوبست ڪيو ويو آهي. اهڙي ۾ پڌرائي ميلو سنيالينڊر توڙي خدمتگار محمد موسيٰ ولد محمد انور جاکرو، فضل الدين جاکرو، حاجي محمد حسن جاکرو، سيٺ حاجي جاکرو، آصف جاکرو، حاجي قمر جاکرو، نظير احمد جاکرو، نارو جاکرو، وڏيرو ميوال جاکرو، الهڏنو جاکرو، ماستر بشو جاکرو، ذوالفقار جاکرو، ماستر شمعون جاکرو، عبدالمالڪ جاکرو، ممتاز جاکرو گلمندا ضلعو نٿو پاران ڪئي ويئي اهي، جن ڄاڻايو اهي ته ميلي جون تياريون مڪمل ڪيون ويون اهي، هنن چيو ته ميلي ۾ بلوچستان سميت نٿي مان درگاه جا وڏي تعداد ۾ عقيدتمند ۽ مريد شرڪت ڪن ٿا ۽ هن واري به وڏي تعداد ۾ نٿي مان درگاه جي مريدن توڙي عقيدتمند پاران درگاه جي ساليانيءَ عرس مبارڪ ۾ پهچي درگاه تي حاضري ڀري دعائون گهرڻ جو سلسلو جاري ڪري ڇڏيو آهي. جتي سيڪيورٽي جا انتظام پڻ سخت ڪيا ويا آهن، جيئن ڪو اڻ وڻندڙ واقعو پيش اچي نه سگهي

### بقايا عوامي سوچ 20

جو جائزو ايس ايس پي نٿو عديل حسين چانڊيو ضلعي نٿي ۾ قائم مختلف CPEC ۽ NON_CPEC منصوبن جو اوچتو دورو ڪيو ۽ اتي مقرر ڪيل سيڪيورٽي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ان موقعي تي ايس ايس پي نٿو سيڪيورٽي تي مقرر پوليس اهلڪارن کي ڊيوٽي جي حوالي سان تفصيلي بريفنگ ڏني ۽ بهترين سيڪيورٽي انتظامن کي يقيني بڻائڻ لاءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومت پاران جاري ڪيل سيڪيورٽي پروٽوڪولز تي مڪمل عملدرآمد ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ايس ايس پي نٿو سيني منصوبن تي موجود انتظاميا ۽ لاڳاپيل عملي کي سختيءَ سان هدايت ڪئي ته ڪنهن به پرڏيهي شهري کي سيڪيورٽي ڪانسواءِ ڪنهن به هنڌ وڃڻ جي هرگز اجازت نه ڏني وڃي. حڪومتِ سنڌ پاران جاري ڪيل حڪمن تي سختيءَ سان عمل ڪيو وڃي، سيڪيورٽي سان لاڳاپيل سموريون ضروري ڪارروائيون ۽ فارملٽيز مڪمل ڪيون وڃن ۽ سيڪيورٽي انتظامن کي وڌيڪ سخت ۽ مؤثر بڻايو وڃي. هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته ڪنهن به غير لاڳاپيل شخص کي اجازت ڪانسواءِ منصوبن اندر داخل ٿيڻ جي اجازت نه ڏني وڃي. جيڪڏهن ڪنهن شخص پاران انهن هدايتن جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي ته ان خلاف قانون موجب ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي. ايس ايس پي نٿو عديل حسين چانڊيو وڌيڪ چيو ته سيڪيورٽي جي معاملي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا ڪوتاهي هرگز برداشت نه ڪئي ويندي ۽ سمورا آفيسر ۽ اهلڪار پنهنجون ذميواريون پوري ذميواري ۽ پيشه ورانه انداز ۾ سرانجام ڏين

### بقايا عوامي سوچ 21

شنل ڊپٽي ڪمشنرون نٿو - ڊپٽي ڪمشنر نٿو سرمد علي پاڳٽ جي هدايتن تي ايڊيشنل [illegible]

جي اهم ضرورت آهي. ان مقصد لاءِ راندين، تعليم، سماجي ۽ فني سرگرمين سان گڏ ثقافتي ۽ تاريخي پروگرامن جو پڻ انعقاد ڪيو وڃي.هن تعليم کاتي ۽ لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي ته ضلعي جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ تاريخ، ثقافت، قومي يڪجهتي ۽ مثبت سماجي قدرن بابت مختلف پروگرام منعقد ڪيا وڃن، ته جيئن نوجوانن ۾ پنهنجي تاريخ ۽ ثقافت بابت شعور پيدا ٿيڻ سان گڏ معاشري لاءِ مثبت ڪردار ادا ڪرڻ جو جذبو پڻ اجاگر ٿئي. هن وڌيڪ چيو ته سمورن ادارن وچ ۾ مؤثر رابطي ۽ بروقت قدمن ذريعي ضلعي ۾ امن امان جي قيام ۽ سماجي براين جي خاتمي لاءِ گڏيل ڪوشش کي وڌيڪ تيز ڪري سگهجي ٿو. ان کان اڳ سمورن لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن گڏيل ٽن مهينن جي ڪارڪردگي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

### بقايا عوامي سوچ 22

مڪلي ۾ پٽي هائوس تي ٿيل اهم ملاقات دوران نوجوان فهاد پٽي قومي عوامي تحريڪ ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو مڪلي ۾ پٽي هائوس تي قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن ياسر جاکرو، وڪيو ميربحر، دانش خاصخيلي ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻ ادي مهرين پٽي سان نوجوان فهاد پٽي ملاقات ڪئي. ملاقات دوران علائقي جي سياسي، سماجي ۽ عوامي معاملن سميت نوجوانن جي مسئلن ۽ موجوده صورتحال تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي نوجوان فهاد پٽي قومي عوامي تحريڪ ۾ شموليت جو باضابطا اعلان ڪندي پارٽي جي قيادت، منشور ۽ عوامي جدوجهد تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪيو. پارٽي اڳواڻن سندس شموليت کي ڀليڪار ڪندي چيو ته نوجوانن جي سياسي ميدان ۾ اڳتي اچڻ سان عوامي جدوجهد کي وڌيڪ طاقت ملندي. هوڏانهن ملاقات دوران قومي عوامي تحريڪ جي پراڻي ساٿي انور هالو پاران پڻ پارٽي ساٿين سان ملاقات ڪري ٻيهر پارٽي سرگرمين کي تيز ڪرڻ ۽ ضلعي ٺٽي ۾ پارٽي کي وڌيڪ منظم، فعال ۽ مضبوط بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن چيو ته قومي عوامي تحريڪ پارٽي هميشه سنڌ جي عوام، نوجوانن، مزدورن ۽ محروم طبقن جي حقن لاءِ جمهوري ۽ پرامن جدوجهد ڪندي رهي آهي. هنن اميد ظاهر ڪئي ته فهاد پٽي سميت نئين شامل ٿيندڙ نوجوان پارٽي جي منشور کي اڳتي وڌائڻ، عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ انهن جي حل لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا. پارٽي اڳواڻن فهاد پٽي ۽ ٻين ساٿين کي ڀليڪار ڪندي چيو ته قومي عوامي تحريڪ جي عوامي جدوجهد کي وڌيڪ منظم ڪرڻ لاءِ ضلعي ٺٽي ۾ سياسي ۽ تنظيمي سرگرمين جو سلسلو وڌيڪ تيز ڪيو ويندو

### بقايا عوامي سوچ 23

علائقي جو قديمي ۽ تاريخي سنڌي ميڊيم تعليمي ادارو آهي. سو هن وقت استادن جي سخت کوٽ سبب سنگين تدريسي بحران کي منهن ڏئي رهيو آهي. اسڪول جي سيميز ڪوڊ 405040032 تحت هلندڙ اداري ۾ 220 کان وڌيڪ شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. جڏهن ته استادن جي کوٽ سبب تدريسي عمل سخت متاثر ٿيڻ جون شڪايتون سامهون آيون آهن. مقامي رهواسين، والدين ۽ تعليم سان لاڳاپيل ڌرين جو چوڻ آهي ته اسڪول مان STR پاليسي تحت پنج استادن جي بدلين ڪانپوءِ پيدا ٿيل تدريسي کوٽ اڃا تائين مڪمل طور تي ختم نه ٿي سگهي آهي، جڏهن ته اسڪول جو هڪ نوجوان ۽ قابل استاد پڻ لاڏاڻو ڪري ويو، جنهن سان عملي جي کوٽ ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو آهي والدين جو چوڻ آهي ته سوين ٻار روزانو تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪول اچن ٿا، پر مناسب تعداد ۾ استاد موجود نه هجڻ سبب شاگردن کي گهربل تعليمي توجهه ۽ معياري تدريس فراهم ڪرڻ ۾ مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن. سندن خدشو آهي ته جيڪڏهن استادن جي کوٽ کي ترت ختم نه ڪيو ويو ته ان جا منفي اثر ٻارن جي تعليمي ڪارڪردگي ۽ مستقبل تي پئجي سگهن ٿا علائقي واسين موجب گورنمينٽ پرائمري اسڪول نئون ڪوٽ ٽائون ڪيترن ئي ڏهاڪن کان نئين نسل کي تعليم فراهم ڪندو رهيو آهي ۽ هن اداري مان تعليم حاصل ڪندڙ ڪيترائي شاگرد مختلف شعبن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. تنهن ڪري تاريخي حيثيت رکندڙ هن اسڪول کي نظرانداز ڪرڻ بدران ان جي تدريسي ضرورتن کي ترجيحي بنيادن تي پورو ڪرڻ جي ضرورت آهي مقامي شهرين ۽ والدين سنڌ جي تعليم کاتي، سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن سنڌ، صوبائي وزير تعليم، سنڌ حڪومت ۽ ٻين لاڳاپيل اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي اسڪول ۾ گهٽ ۾ گهٽ چار قابل ۽ مستقل استاد مقرر ڪيا وڃن، جيئن 220 کان وڌيڪ شاگردن جو تعليمي عمل متاثر ٿيڻ کان بچي سگهي شهرين صدر پاڪستان آصف علي زرداري، چيئرمين پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري، ايم اين اي مير منور خان ٽالپر، ايم پي اي مير طارق خان ٽالپر ۽ ٻين لاڳاپيل چونڊيل نمائندن ۽ اختيارين کي پڻ اپيل ڪئي آهي ته هو پنهنجي اثر رسوخ ذريعي گورنمينٽ پرائمري اسڪول نئون ڪوٽ ٽائون جي استادن واري مسئلي جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن والدين ۽ شهرين جو چوڻ آهي ته هي ڪنهن هڪ فرد جو مسئلو نه، پر سوين ٻارن جي مستقبل جو سوال آهي، تنهن ڪري حڪومت ۽ تعليم کاتي کي بنا دير عملي قدم کڻڻ گهرجي هنن سنڌ حڪومت کان پرزور مطالبو ڪيو ته سيميز ڪوڊ 405040032، گورنمينٽ پرائمري اسڪول نئون ڪوٽ ٽائون ۾ فوري طور چار استاد مقرر ڪري تدريسي بحران ختم ڪيو وڃي، جيئن ٻارن کي سندن بنيادي تعليمي حق مطابق معياري تعليم جي سهولت ملي سگهي.

### بقايا عوامي سوچ 24

نشن کي خطاب ڪندي چيو ته پراڻن صوبن ۾ بيروزگاري ختم ٿي وئي هاڻي نوان صوبا ٺاهين نون صوبن جو رينگٽ حقيقت ۾ سنڌ جي معدنيات وسيلن جبلن ڪارونجهر، گئس تيل تي نظر آهي سنڌ جو مالڪ سنڌ جو عوام آهي انجي مرضي کان سواءِ ڪوب فيصلو ڪرڻ نه ڏينداسين جنهن حد تائين دين ۽ ڌرتي جو چوڪيداري جي لاءِ وڃڻون پيو ان حد تائين ويندا سين ڌرتي سان ڪنهن ويساگهاتي ڪرڻ جي اجازت نه ڏينداسين سنڌ ۾ منشيات جو آزار وڌي ويو آهي نوجوان منشيات وپرائڻ ڪري فوت ٿي رهيا آهن سنڌ ۾ قبائلي جهڙن ۾ ڏهه هزار ماڻهون قتل ٿي چڪا آهن بدامني عروج تي آهي سنڌ معدني وسيلن سان مالا مال آهي سنڌ جو ماڻهون بنياتي سهولتن کان محروم آهي جڏهن ته ڪنوينشن کي جمعيت علماء اسلام سنڌ [illegible]

### بقايا عوامي سوچ 25

[illegible]

عقيدت ۽ محبت سان نعتون پيش ڪيون، جن سان محفل جو ماحول روحاني ۽ ايماني جذبن سان سرشار ٿي ويو ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن پاران درود ۽ سلام پڙهي پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪيو ويو تقريب جي نظامت جا فرض حافظ سهيل احمد بهترين نموني سان سرانجام ڏنا ۽ سموري پروگرام کي نظم ۽ ضبط سان اڳتي وڌايو جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جي هن بابرڪت تقريب ۾ علائقي جي معززين خليفو سونهارو فقير منگريو، وڏيرو حاجي بگن فقير ٻنيرو، فنڪشنل مسلم ليگ تعلقي صالح پٽ جو جنرل سيڪريٽري فقير غلام نبي منگريو فقير ابوبڪر منگريو، خليفو محمد اسماعيل ٻنيرو، وڏيرو محمد يوسف ٻنيرو، فقير پيرانو ميرجت، فقير علي مراد راڄڙ، فقير مبارڪ علي راڄڙ، محبوب علي ميرجت، فقير محمد امين راڄڙ، ڊاڪٽر ڪيوڙو خان ميرجت، ۽ فقير عبدالمجيد راڄڙ، سميت وڏي انگ ۾ عاشقان رسول ﷺ ۽ حر جماعت سان تعلق رکندڙ ماڻهن شرڪت ڪئي. تقريب دوران عاشقان رسول ﷺ پاران حضور اڪرم ﷺ سان والهاڻي محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو ويو ۽ محفل دوران روحاني ۽ ايماني جذبو نمايان رهيو تقريب جي پڄاڻيءَ تي ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، امن، خوشحالي ۽ مسلم امت جي سربلنديءَ لاءِ خصوصي دعا گهري وئي، جنهن ڪانپوءِ شرڪت ڪندڙن ۾ لنگر پڻ تقسيم ڪيو ويو

### بقايا عوامي سوچ 26

ي جي عملي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته اسڪول ۾ استادن جي کوٽ سبب اسان جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي اسڪول ۾ سوين ٻار داخل آهن پر هن کي پڙهائڻ لاءِ صرف هڪ استاد مقرر ڪيو ويو آهي جيڪا اسان اسڪولي ٻارن سان زيادتي آهي جنهن جو فوري نوٽيس ورتو وڃي ۽ وڌيڪ استاد مقرر ڪري پريشاني ختم ڪئي وڃي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

### بقايا عوامي سوچ 27

ادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي احمد ملاح الزام هنيو ته خداآباد پرسان ڳوٺ گل محمد وارسايو ۾ سندس 10 هزار فوٽ تي قائم گهر موجود آهي، جنهن تي رحمت الله ملاح ۽ شعيب ملاح مبينا طور قبضو ڪري ورتو آهي. جڏهن ته گهر اندر پوکيل وڻ پڻ وڍي ڇڏيا ويا آهن. هن وڌيڪ الزام لڳايو ته سندس زرعي زمين تان 3 فيز موٽر ۽ لفٽ مشين چوري ڪئي وئي، جنهن جي ماليت لڳ ڀڳ 5 لک روپيا آهي. سندس چوڻ موجب، ڳوٺ ۾ پڇا ڳاڇا ڪرڻ بعد رحمت الله ملاح ڪيس چيو ته ڏهڪن هو 2 لک روپيا پينگ ڏيندو ته چوري ٿيل لفٽ مشين ۽ 3 فيز موٽر واپس ڪرائي ڏيندو. احمد ملاح چيو ته هن رحمت الله ملاح کي 2 لک روپيا روڪ رقم ڏني، پر مبينا طور نه چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو ويو ۽ نه ئي 2 لک روپيا واپس ڪيا ويا. هن الزام هنيو ته گڏريل ٻن سالن کان رمضان ملاح، سڪندر ملاح ۽ سندس ساٿي رحمت الله ملاح ۽ شعيب ملاح سندس ۽ سندس خاندان جا دشمن بڻيل آهن. هن چيو ته هڪ طرف چوري ٿيل سامان ۽ پينگ جا پئسا واپس نٿا ڪيا وڃن، ته ٻئي طرف خداآباد ٿاڻي تي سندس ۽ سندس پٽن خلاف مبينا طور ڪوڙو ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو آهي. احتجاج ڪندڙ موجب، گهر تي قبضو ڪندڙ ۽ چوري ۾ ملوث جوابدار هاڻي ڪيس موٽرسائيڪل ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. جنهن سبب هو پنهنجي جان جي خوف کان اباڻو ڳوٺ ڇڏي دادو شهر جي مرڪيور ڪالوني ۾ رهائش پذير آهي، احمد ملاح ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته ڳوٺ گل محمد وارسايو ۾ سندس 10 هزار فوٽ تي قائم گهر تان مبينا قبضو ختم ڪرايو وڃي، زرعي زمين تان چوري ٿيل 3 فيز موٽر ۽ لفٽ مشين واپس ڪرائي وڃي، 2 لک روپيا پينگ وٺندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ سندس خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي. هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندس مطالبن تي فوري طور نوٽيس نه ورتو ويو ته هو دادو ۾ ايس ايس پي آفيس آڏو بک هڙتال شروع ڪندو

### بقايا عوامي سوچ 28

يقيني بڻائڻ تي زور ڏنو ويو، دادو ۾ ڊي اي او ليٽريسي ۽ گورنمينٽ پائلٽ هاءِ اسڪول جي سهڪار سان تعليمي آگاهي ريلي ڪڍي وئي، جنهن جي اڳواڻي ڊي اي او ليٽريسي دادو آپا ثمينه ميمڻ، چيف هيڊ ماسٽر اعجاز گوهر لاشاري، هيڊ ماسٽر غلام رسول چانڊيو، ايف اي علي شير سپريو محمد اسلم قريشي ۽ ٻين استادن ڪئي، ريلي ۾ استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي اسڪول ۾ ٻارن جي انرولمينٽ وڌائڻ، شاگردن جي مڪمل حاضري يقيني بڻائڻ ۽ والدين ۾ تعليم جي اهميت بابت شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ آگاهي ڏني وئي، ريلي ۾ شريڪ استادن ۽ شاگردن شهرين کي اپيل ڪئي ته پنهنجي ٻارن کي باقائدگي سان اسڪول موڪلين ۽ سندن تعليم تي خاص ڌيان ڏين، چو ته تعليم ئي ٻارن جي روشن مستقبل ۽ معاشري جي ترقي جي ضمانت آهي، ريلي جي اڳواڻي ڪندڙن ۾ استادن الطاف حسين ميمڻ، رسول بخش ميمڻ، عبدالغفار پنهور، اياز لهبر، سيف الله پنهور، سليم انور ميمڻ ۽ منور قمبراڻي پڻ شامل هئا

### بقايا عوامي سوچ 29

بنت علي ڏنو شيخ سان گڏجي مائٽن ۽ علائقي جي بااثر ماڻهن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج ڪندي اعليٰ اختيارين کان تحفظ جي اپيل ڪئي آهي. صحافين سان ڳالهائيندي علي رضا شيخ ٻڌايو ته هو هڪ سال اڳ پنهنجي مرضي ۽ خوشي سان دينِ اسلام کان متاثر ٿي مسلمان ٿيو هو. سندس چوڻ هو ته اسلام قبول ڪرڻ ڪانپوءِ سندس مائٽ جامون ولد پڳڙو گرگلو، منو پٽ جامون گرگلو سڄڻ پٽ جامون گرگلو رهائشي شير محمد نوڙها، سمير شيخ ولد قاسم شيخ رهائشي اڏيرولعل ۽ خيرو ڪوسو رهائشي سوئي گيس اسٽاپ منو ڪوسو ڪيس مسلسل تنگ ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجو مذهب مٽائي واپس هندو ٿيڻ لاءِ طرح طرح جون تڪليفون ۽ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن وڌيڪ چيو ته انهن ترڪتازين ۽ حراسان ڪرڻ سبب هو پنهنجي اهلِ عيال سان گڏ دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي ۽ کيس مذڪوره ماڻهن مان جاني نقصان جو شديد خدشو آهي. نو مسلم علي رضا شيخ آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي متياري، ڊي سي متياري ۽ مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي کيس ۽ سندس اهليه کي مڪمل تحفظ فراهم ڪيو وڃي، جيئن هو پنهنجي معصوم ٻارن سان گڏ سڪون ۽ باوقار زندگي گذاري سگهي

### بقايا عوامي سوچ 30

[illegible]

جيلاني، مولوي محمد ايوب جوکيو نعيمي، عبدالله پنهور، منصور شاه جيلاني، حاجي غلام حسين بروهي، الهجڙيو برفت، جوکيو برادري جي معزز بخت علي جوکيو وڏيرو ڪمال جوکيو يوسي چيئرمين غلام نبي شيخ، ڊاڪٽر يعقوب خشڪ، محمد سومار خشڪ، وڏيرو بڇايو خاصخيلي، جهانزيب مينگل، عبدالعزيز ۽ ٻيا پڻ موجود هئا، جن پڻ تعزيت ڪري ڏک ونڊي مرحوم جي مغفرت لاءِ دعائون گهريون. ان موقعي تي سردار اختر جان مينگل چيو ته نٿي واسي حاجي غلام رسول بروهي مينگل سٺو انسان هجڻ سان گڏ بهتر طبيعت جو مالڪ هو سندس وڇوڙي تي اسانکي پڻ ڏک پهتو آهي، اسان سندس پونيئرن سان هن ڏک جي گهڙي ۾ گڏ اهيون. الله پاڪ کان دعا آهي ته مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي ۽ سندس پونيئرن کي صبر و جميل عطا فرمائي، ان کان اڳ بلوچ عوام ۽ ملڪ جي مظلوم قومن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ ناميارو قوم پرست سياستدان سردار اختر مينگل جو ڳهارو، ڳجو مڪلي توڙي نٿي شهر ۾ پهچڻ تي اتان جي رهواسين پاران سندس ماڻائتو استقبال ڪري کيس گلن جي ورکا ڪري کيس لونگيون ۽ اجرڪون پهرايون.

### بقايا عوامي سوچ 31

خان مرجي ڏاهپ ڀري قيادت ۽ سيڪريٽري منور علي مهيسر جي هدايتن تي، ڊائريڪٽوريٽ آف يوٿ افيئرز، رانديون ۽ نوجوانن وارا معاملا کاتو حڪومتِ سنڌ پاران "ينگ وومين ايمپاورمينٽ سمٽ 2.0 2026" جو ڪامياب انعقاد ڪيو ويو بيگم نصرت ڀٽو وومين يونيورسٽي (BNBWU) سکر جي تعاون سان منعقد ٿيل هن سمٽ جو بنيادي عنوان "بااختيار بڻائڻ تحريڪ ڏيڻ قيادت ڪرڻ تبديلي آڻڻ" (Empower Inspire Lead Transform) هو هن پروگرام ۾ شاگردياڻين، اڀرندڙ يوٿ ليڊرن، فئڪلٽي ميمبرن ۽ اهم اسٽيڪ هولڊرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تاڪ عملي قيادت جون صلاحيتون وڌائي سگهجن، خود اعتماديءَ کي هٿي ڏني وڃي ۽ قومي ترقيءَ ۾ عورتن جي اهم ڪردار کي اجاگر ڪيو وڃي. تقريب جو مقصد ۽ اڄياڻو ڏيندي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر رضوان علي ملاح نوجوانن لاءِ جامع ۽ برابريءَ وارا پليٽ فارم فراهم ڪرڻ جي حڪومتِ سنڌ جي عزم کي ورجايو هن چيو: "نوجوان عورتن کي بااختيار بڻائڻ صرف هڪ سماجي مقصد ناهي پر هڪ اهم معاشي ۽ سماجي ضرورت آهي، اسان جي قيادت جي ون تحت رانديون ۽ نوجوانن وارا معاملا کاتو سڄي سنڌ جي نوجوان عورتن کي سڀئي ضروري رهنمائي، اعتماد ۽ وسيلا فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي تاڪ هو پنهنجي سماج ۾ اڳواڻي وارو ڪردار ادا ڪري سگهن." يونيورسٽي انتظاميه جي نمائندگي ڪندي اسسٽنٽ پروفيسر نور محمد بروهي صلاحيتن کي نکارڻ ۽ ثابت قدميءَ کي هٿي ڏيڻ ۾ اعليٰ تعليمي ادارن جي ڪردار تي روشني وڌي ۽ شاگردياڻين تي زور ڏنو ته هو پنهنجي پيشيوراڻي افق کي وسعت ڏيندڙ موقعن مان ڀرپور فائدو حاصل ڪن محترم سڪينه اعليٰ تعليم حاصل ڪندڙ شاگردياڻين لاءِ هڪ جڙندڙ ۽ تحريڪي سيشن جي اڳواڻي ڪئي، جنهن ۾ قيادتي صلاحيتن، ذاتي ترقي ۽ عملي ڪيريئر رٿابنديءَ تي توجهه ڏني وئي برٽش ڪائونسل جي سرٽيفائيڊ ٽرينر شفقت شهزاد عنوان هيٺ سان هڪ تربيتي سيشن ڏنو جنهن ۾ هن پاڻ تي شڪ ڪرڻ کان بچڻ، اعتماد جي بحالي ۽ مسلسل هنر سکڻ جي اهميت تي زور ڏنو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر معيز حسين سومرو اختتامي ڪلمات ادا ڪيا ۽ يونيورسٽي انتظاميه، مقررين ۽ شرڪت ڪندڙن جي جوش ۽ جذبي سان شرڪت تي انهن جو شڪريو ادا ڪيو تقريب جي پڄاڻيءَ تي معزز مقررين ۽ شرڪت ڪندڙن ۾ تعريفي شيلڊون ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا تاڪ انهن جي خدمتن ۽ يوٿ ڊولپمينٽ جي عزم کي ساراهيو وڃي. وڌيڪ رضوان علي ملاح چيو ته ڊائريڪٽوريٽ آف يوٿ افيئرز، رانديون ۽ نوجوانن وارا معاملا کاتو حڪومتِ سنڌ، ليڊرشپ ڊولپمينٽ پروگرامن، تعليمي سيمينارن ۽ شهري ۽ سماجي سرگرمين ذريعي سنڌ جي نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ جي پنهنجي مقصد تي مضبوطيءَ سان قائم آهي. دڙو ۾ عوامي پريس ڪلب جي رپورٽنگ جوائش روورل هيلٿ سينٽر ۾ ڊاڪٽرن، دوائن ۽ سهولتن جي کوٽ تي انتظاميا حرڪت ۾ اچي وئي

### بقايا عوامي سوچ 32

عوامي شڪايتن ۽ عوامي پريس ڪلب دڙو جي مسلسل ذميواراڻي صحافت ۽ معاملي کي اجاگر ڪرڻ ڪانپوءِ انتظاميا حرڪت ۾ اچي وئي. پي پي ايڇ آءِ جي ڊسٽرڪٽ آفيسر گل رحمان عباسي پنهنجي ٽيم سان گڏ روورل هيلٿ سينٽر دڙو پهچي اسپتال جو تفصيلي دورو ڪيو. ان موقعي تي هن شهر جي واپاري اڳواڻن، شهرين ۽ اسپتال جي عملي سان ملاقاتون ڪري اسپتال کي درپيش مسئلن بابت تفصيلي ڄاڻ ورتي. ملاقات دوران شهرين ۽ واپاري اڳواڻن ڊسٽرڪٽ آفيسر آڏو شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا. هنن ڊاڪٽرن جي کوٽ، دوائن جي عدم فراهمي ۽ ٻين بنيادي طبي سهولتن جي کوٽ سميت مختلف مسئلا اجاگر ڪندي مطالبو ڪيو ته مريضن کي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ فوري ۽ عملي قدم کنيا وڃن. ان موقعي تي پي پي ايڇ آءِ جي ڊسٽرڪٽ آفيسر گل رحمان عباسي چيو ته شهرين جون شڪايتون جائز آهن ۽ انهن کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. هن يقين ڏياريو ته روورل هيلٿ سينٽر دڙو ۾ ڊاڪٽرن، دوائن ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي کوٽ کي جلد ختم ڪرڻ لاءِ ضروري قدم کنيا ويندا.

### بقايا عوامي سوچ 33

ي آواز بلند ڪرڻو پوندو. هن سنڌ جي عوام کي اپيل ڪئي آهي ته 20 سيپٽمبر تي نوابشاه ۾ منعقد ٿيندڙ وحدتِ سنڌ مارچ ۾ وڌ کان وڌ شرڪت ڪري سنڌ سان يڪجهتي جو اظهار ڪن. اهڙو اظهار هن چوهڙ جمالي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو هن چيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ عوام کي درپيش مهنگائي، بدامني، بيروزگاري ۽ ٻين بنيادي مسئلن تي سنجيدگي سان بحث ٿيڻ گهرجي، پر ان جي ابتڙ گذريل ڪجهه ڏينهن کان سنڌ اسيمبلي ۾ نون انتظامي يونٽن جي قيام ۽ سنڌ کي ورهائڻ بابت بحث جاري آهي، جنهن تي سنڌ جي عوام ۾ ڳڻتي موجود آهي. سنڌ کي ٽڪرن ۾ ورهائڻ جون ڪوششون ڪندڙ قوتن جا مقصد سنڌ جي عوام اڳيان واضح آهن. سنڌ جي زمين، بندر گاهن، گئس، ڪوئلي ۽ ٻين قدرتي معدني وسيلن بابت ڪنهن به اهڙي ڪوشش کي قبول نه ڪيو ويندو، جنهن سان سنڌ جي وحدت ۽ سنڌي [illegible]

جي وسيلن جي تحفظ لاءِ پرامن جدوجهد جاري رکي ويندي.

### بقايا عوامي سوچ 34

راڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال ڪئمپ قائم ڪئي وئي ڪئمپ ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي ضلعي صدر شاهنواز سيال تعلقي صدر راڄا اعجاز خواجا، مظهر ڪهيري اسلم سونارو، رفيق سمون، رب نواز ميمڻ افتخار لغاري ڊاڪٽر يوسف انصاري، ڪيراج مل سميت پارٽي ڪارڪنن ۽ عهديدارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن حڪومت خلاف نعريبازي ڪندي بدين ضلعي جي بنيادي مسئلن جي حرئي دل جي بيمارين جو علاج ملي سگهي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته لاڙ ڪيمپس بدين کي يونيورسٽي جو درجو ڏنو وڃي ته جيئن ضلعي جي شاگردن کي اعليٰ تعليم جون بهتر سهولتون سندن ئي علائقي ۾ فراهم ٿي سگهن ۽ کين تعليم لاءِ ٻين شهرن ڏانهن وڃڻ جي تڪليف کان بچائي سگهجي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻن تلهار تعلقا اسپتال جي تعميراتي ڪم بند هجڻ تي پڻ سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته اسپتال جو ڪم جلد شروع ڪري مڪمل ڪيو وڃي، چاڪاڻ ته تلهار ۽ ڀرپاسي جي هزارين ماڻهن کي صحت جون مناسب سهولتون حاصل ناهن. هنن سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته اسپتال جو رهيل ڪم بنا دير شروع ڪري عوام کي صحت جون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته سندن مطالبا عوام جي بنيادي حقن سان لاڳاپيل آهن، تنهنڪري سنڌ حڪومت سنجيدگي سان نوٽيس وٺي مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کڻي. اڳواڻن اعلان ڪيو ته مطالبا منظور نه ٿيڻ جي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

### بقايا عوامي سوچ 35

ن عبدالرحمان سمون سلمان سمون طرفان جشن عيد ميلاد النبي ﷺ ۽ شان اهلبيت رضه جي سلسلي ۾ روح پرور محفل، سيده فاطمه الزهرا سلام الله عليها جي فضيلتن جو ذڪر غوثيا جماعت جي اڳواڻ قبلا شهزاد قادر پٽي بيان ڪري محفل کي جهومائي ڇڏيو جڏهن ته نعت خوان سيد صبغت الله شاه گل حسن ملاح حافظ الهجڙيو ملاح اويس پٽي نعت رسول مقبول پڙهي محفل کي جهومائي ڇڏيو جڏهن ته جشن عيد ميلادالنبي ﷺ، شان اهلبيت ۽ ذڪر سيده ڪائنات، خاتون جنت حضرت فاطمہ الزهرا سلام الله عليها جي سلسلي ۾ سمان هائوس تي هڪ پروقار ۽ روح پرور محفل ۾ عاشقان رسول ﷺ ۽ اهلبيت سان محبت رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي محفل دوران نعت خوان بارگاهه رسالت مآب ﷺ ۾ عقيدت جا گل نڇاور ڪيا، جڏهن ته ذڪر رسول ﷺ ۽ اهلبيت اطهار جي فضيلتن سان محفل جو ماحول روحاني ۽ وجداني بڻجي ويو ان موقعي تي غوثيا جماعت بدين جي اڳواڻ قبلا شهزاد قادر پٽي خصوصي خطاب ڪندي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي سيرت ۽ شان، اهلبيت اطهار جي عظمت ۽ خاتون جنت حضرت فاطمه الزهرا سلام الله عليها جي پاڪيزه زندگي ۽ فضيلتن تي تفصيلي روشني وڌي. سندس پرجوش ۽ محبت ڀريي خطاب دوران شرڪت ڪندڙن تي وجد طاري ٿي ويو ۽ محفل ۾ بارگاهه رسالت ﷺ سان عقيدت ۽ محبت جا جذبا وڌيڪ اجاگر ٿيا قبلا شهزاد قادر پٽي چيو ته حضور اڪرم ﷺ جي سيرت مبارڪ ۽ اهلبيت اطهار جي تعليمات انسانيت لاءِ مشعل راه آهن. تنهنڪري اسان کي سندن پاڪيزه زندگي مان سبق حاصل ڪري محبت، ڀائيچاري ۽ اخوت کي فروغ ڏيڻ گهرجي محفل جي پڄاڻي تي ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، خوشحالي ۽ امن لاءِ خصوصي دعا پڻ ڪئي وئي لنگر پڻ تقسيم ڪيو ويو

### بقايا عوامي سوچ 36

فرنس ڪندي انصاف جي اپيل ڪئي تفصيل بدين ٿاڻي تي قتل جي ايف آئي آر عبدالحفيظ عباسي ۽ انصار عباسي تي داخل ڪئي وئي آهي جنهن خلاف انصار عباسي جي والده نازو عباسي ۽ گهرواري مهرين عباسي، ڀيڻ ساجدا عباسي، ڀاءُ شير علي عباسي، اصغر چنا، زاهد جمالي، پرويز چنا نيشنل پريس ڪلب بدين پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هڻندي چيو ته اسان جو خانداني زمين تان قاضي امتيازسان سالن کان تنازو هلندڙ آهي ڪورٽ سڳوري مان ڪيس پڻ کٽيا آهن زمين جي رڪارڊ جي فارجري ۾ ڪجه تپيدار پڻ ملوث آهن جن خلاف ڪورٽ سڳوري آرڊر پاس ڪيو هو جنهن آرڊر خلاف مخالف ڌر هاءِ ڪورٽ ويا آهن جنهن جي 21تاريخ رکيل آهي انهي دوران اوچتو اسان کي خبر پئي پنج مهينا اڳ ريلوي اسٽيشن تي هڪ خود ڪشي جو واقعو پيش آيو هو جتي پوليس ۽ سوين شهري پهتا هئا انهي موقعي بابت پوليس پاران جاري ڪيل رپورٽ ۽ پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ پڻ خودڪشي ڄاڻائي وئي هئي جنهن واقعي کي پنج مهينا گذري ويا آهن اچانڪ انهي واقعي جي ايف آئي آر اسان جي چوڪرن عبدالحفيظ عباسي ۽ انصاف عباسي تي داخل ڪئي وئي آهي جنهن قتل سان پري پري تائين اسان جي چوڪرن جو ڪوبه واسطو نه آهي اصل معاملو اسان جي زمينن جو هلنڊڙ تڪرار آهي اسان ايس ايس پي بدين، ڊي آئي جي حيدرآباد، آئي جي سنڌ ۽ سيشن جج بدين کان اپيل ٿا ڪريون ته معاملي جي صاف شفاف ايماندار آفيسر کان جانچ ڪرائي اسان جي بيگناه چوڪرن کي ايف آئي آر مان آجهو ڪيو وڃي، انصار عباسي جي ستر سالا ماءُ اهو پڻ چيو ته آئون انصاف نه مليو ته آئون مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال ڪنديس

### بقايا عوامي سوچ 37

لاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. هن چيو ته زائرين عقيدت ۽ احترام سان زيارت لاءِ اچن ٿا، پر انتظاميا جي اهڙي قدم سان سندن پريشانيون وڌي ويون آهن. هن الزام لڳايو ته درگاهه جا دروازا بند ڪرڻ ۽ صاداتن جي قبرستان تي قبضو ڪرڻ زائرين سان ناانصافي آهي، جنهن جو فوري نوٽيس وٺڻ گهرجي. هن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته درگاهه جا دروازا زائرين لاءِ کوليا وڃن ۽ کين زيارت جي سهولت فراهم ڪئي وڃي، نياز حسين نوناري وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن زائرين جا مسئلا حل نه ڪيا ويا ته سڄي پاڪستان جي زائرين کي سڏ ڏئي ايندڙ جو لائحه عمل طئي ڪيو ويندو.

### بقايا عوامي سوچ 38

ي سوشل ميڊيا تي شڪايتن جو نوٽيس وٺندي انتظاميا پاران فوري طور تي هي قدم کنيو ويو، جنهن دوران مبينه طور تي غيرقانوني اڏاوتون ڪندڙ ماڻهو موقعي کان هٽي ويا. علائقي جي شهرين انتظاميا جي هن تڪڙي قدم تي اطمينان جو اظهار ڪندي اميد ظاهر ڪئي آهي ته تعليمي ادارن جي بقا ۽ واڌويجهه لاءِ اهڙيون ڪارروائيون جو سلسلو جاري رهندو [illegible]

## نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن
وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان
دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

## تعلقي چاچري جي ڳوٺ ڪانٽيو ميگهواڙ پاڙي جي رهواسين جو جيتا ڪالوني اسڪول جي مين گيٽ اڳيان احتجاج

اسان جي اسڪول جيتا ڪالوني ميگهواڙ پاڙو ۾ استاد تاراچند ۽ استاد ديو جي رٽائرمينٽ کان پوءِ ڪافي ڏينهن کان اسڪول بند پيل آهي

اسين ڳوٺاڻا وزيرِ تعليم سائين سردار علي شاهه اي ڊي او ٿرپارڪر شمس الدين راڻوڙ صاحب ۽ اعليٰ اختيارين کي اپيل ٿا ڪريون

اسان جي اسڪول ۾ ٽوٽل 203 شاگرد داخل آهن جن جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي

مٺي (ڊ_ر محمدرحيم مگريو) تعلقي چاچري جي ڳوٺ ڪانٽيو ميگهواڙ پاڙي جي رهواسين جو جيتا ڪالوني اسڪول جي مين گيٽ اڳيان سڪولي شاگردن سميت ڳوٺاڻن جو احتجاج ڳوٺاڻا مطالبو ڪري رهيا هئا ته اسان جي اسڪول جيتا /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

### ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي جي مامي سرڳواسي ڀڳت ماتورام مهراج جي ديهانت تي تعزيت

مٺي (ڊ_رمحمدرحيم مگريو) صوفي سنت هرداس ڀڳت جي گادي نشين, مٺي جي اڳوٽي ٽائون/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

### اوڏيرولال اسٽيشن لڳ مال بردار ريل گاڏي خراب ڪراچي کان پنجاب ويندڙ مال بردار ريل گاڏي فني خرابي

اوڏيرولال (رپورٽ, ثاقب نور ساهووال) اوڏيرولال اسٽيشن لڳ مال بردار ريل گاڏي خراب ڪراچي کان پنج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

## ٽنڊوآدم موبائيل فون چوري جي ڪوشش ناڪام: دڪاندار پاران مبينه چور کي پڪڙيو ويو

ڪامران قريشي جي موبائيل جي دڪان تان هڪ اڻڄاتل شخص موبائيل فون ڏسڻ جو بهانو ڪري موبائل کڻي فرار ٿيڻ جي ڪوشش

دڪاندار ڪامران قريشي فورن چور جو پيڇو ڪيو ۽ ڪيس پڪڙي ورتو. واقعي ڪانپوءِ ظفر موبائيل مارڪيٽ جا ٻيا دڪاندار پڻ پهچي ويا

شڪي چور کي قابو ڪيو دڪاندارن '15' پوليس کي ايمرجنسي سروس جي ذريعه اطلاع ڪيو

ٽنڊو آدم (رپورٽرمشتاق مينگل) ٽنڊوآدم موبائيل فون چوري جي ڪوشش ناڪام: دڪاندار پاران مبينه چور کي پڪڙيو ويو. ٽنڊو آدم ۾ ظفر موبائيل مارڪيٽ ويجهو ڪامران قريشي جي موبائيل جي دڪان تان هڪ اڻڄاتل شخص/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

## مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڦرجون وارداتون جاري، لڪين ريپا ۽ موٽرسائيڪلون ڦر

نئين ايس ايس پي ساجد امير سڌوزئي جي چارج سنڀالڻ ڪانپوءِ ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڦر

ڌاڙن ۽ موٽرسائيڪلون ڦرڻ جون وارداتون جاري آهن. جنهن سبب شهرين ۽ واپارين ۾ خوف ۽ ڳڻتي پکڙجي وئي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڦرجون وارداتون جاري. لڪين ريپا ۽ موٽرسائيڪلون ڦر ميرپورخاص: نئين ايس اي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

## شرح خواندگي جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان ايجيوڪيشن ۽ لٽريسي کاتي ٿرپارڪر جي طرفان ريلي

جنهن ۾ وڏي انگ ۾ تعليم کاتي جي آفيسرن، استادن ۽ شاگردن ڀرپور شرڪت ڪئي

پڙهندي سنڌ وڌندي سنڌ، پنهنجن ٻارن کي سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرايو, سرڪاري اسڪولن جي مالڪي ڪريو جي نعرن سان سجاڳيءَ جو پيغام پهچايو ويو

ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ پنهنجي ٻارن کي جديد دور سان هم آهنگ ڪرڻ جي لاءِ انهن کي سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرايو

مٺي (ڊ_رمحمدرحيم مگريو) شرح خواندگي جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان ايجيوڪيشن ۽ لٽريسي کاتي ٿرپارڪر جي طرفان اسڪولن کان ٻاهر ٻارن کي اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ, شرح خواندگي کي وڌائڻ ۽ تعليم جي اهميت کي اجاگ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

## ڪوٽ غلام محمد راجپوت محلي ۾ يومِ دفاع جي تقريب سوين شهرين شرڪت

وائيس چيئرمين سردار رانا رياض، رانا عارف راجپوت سميت ٻين معزز شخصيتن ۽ علائقي جي سوين محبِ وطن شهرين شرڪت

پاڪستان شهيدن جي امانت آهي ۽ ان جي حفاظت لاءِ قوم متحد ۽ پرعزم آهي

وطن جي دفاع خاطر پنهنجيون جانيون قربان ڪندڙ پاڪ فوج جي شهيدن کي ڀرپور خراجِ عقيدت پيش

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽ عبدالحميد ڪوسو) راجپوت محلو, وارڊ نمبر 06 ۾ پاڪستان زنده باد مووومينٽ پاران يومِ دفاع پاڪستان جي موقعي تي هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي, جنهن جي قيادت ڊويزنل چيئرمين ميرپورخاص ران/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

### منشيات خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي، غفلت تي پوليس آفيسرن خلاف ڪارروائي جو اعلان

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) منشيات خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي، غفلت تي پوليس /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

### اسٽيشن روڊ تي اينٽي انڪروچمينٽ ڪارروائي جاري

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) اسٽيشن روڊ تي اينٽي انڪروچمينٽ ڪارروائي جاري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

## ڏيئي پوليس بااثر قبضا مافيا جي ونگار وهندي هاري اڳواڻ پرشوتم ڪولهي ۽ ان جي پائرن مٿان ڪوڙي ايف آئي آر داخل

ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي بدين نوٽيس وٺي جاچ ڪري جوابدارن کي قانون موجب سزا ڏين

گذريل رات پرشوتم جي ڀاءُ ماستر منور لال تي حملو ڪندڙ محبوب رند تي ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪيو وڃي

سنڌي هاري تحريڪ ضلع بدين جي جنرل سيڪريٽري پرشوتم ڪولهي ۽ سندس پائرن تي ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف عوامي تحريڪ جو اجلاس

ٽنڊوباگو/بدين(رجب راهمون) ڏيئي پوليس بااثر قبضا مافيا جي ونگار وهندي هاري اڳواڻ پرشوتم ڪولهي ۽ ان جي پائرن مٿان ڪوڙي ايف آئي آر داخل ڪئي آهي ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي بدين نوٽيس وٺي جاچ ڪري /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

## بدين ۾ ڪم واري هنڌ عورتن کي هراسان ٿيڻ کان تحفظ بابت آگاهي سيمينار، قانوني حقن بابت آگاهي ڏني وئي

جنهن ۾ مدوائفري اسڪول جي شاگردياڻين ۽ ٻين عملي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ڪم واري هنڌ هراسان ڪرڻ هڪ سنگين مسئلو آهي, جيڪو ڪنهن ساٿي ملازم، آفيسر يا اداري سان لاڳاپيل ڪنهن به شخص طرفان ٿي سگهي ٿو

عورتن کي اهڙي هراسان ڪرڻ کان تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ هي ايڪٽ 2010 ۾ نافذ ڪيو ويو

بدين (. رجب راهمون ) صوبائي محتسب سنڌ جي ريجنل آفيس ضلعي بدين پاران گورنمينٽ ڪميونٽي مدوائفري اسڪول بدين ۾ ڪم واري هنڌ عورتن کي هراسان ٿيڻ کان تحفظ وارو قانون 2010 ع (ايڪٽ نمبر IVآف 2010) بابت آگاهي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

### پرنسيپال گرلز هاءِ اسڪول شهدادپور آپا نعمت خاتون رضا الاهي سان وفات ڪري وئي

بدين ( رجب راهمون ) صابق ڊائريڪٽر ايگريڪلچر لال بخش ڏاهري جي نياڻي سي اي او حيس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

### مسلم ليگ فنڪشنل تعلقي ڪوٽ غلام محمد پاران يو سي وائز تنظيم سازي جي حوالي سان هڪ اهم اجلاس

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽ عبدالحميد ڪوسو): پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل تعلقي ڪوٽ غلام/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

## يونيورسٽي آف سنڌ، لاڙ ڪيمپس بدين ۾ آواز ڪارنر جو افتتاح

يونيورسٽي آف سنڌ، لاڙ ڪيمپس بدين ۾ آواز ڪارنر جي افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي

جنهن جو باقاعده افتتاح ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي ڪيو آواز ڪارنر سامي فائونڊيشن پاران آواز_IIپروگرام تحت قائم ڪيو ويو

بدين (رجب راهمون) يونيورسٽي آف سنڌ، لاڙ ڪيمپس بدين ۾ آواز ڪارنر جي افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن جو باقاعده افتتاح ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي ڪيو آواز ڪارنر سامي فائونڊيشن پاران آواز_ IIپروگرام تحت قائم ڪيو ويو آهي. جيڪو ڪيئر پاڪستان جي سهڪار ۽ برطانيا جي حڪومت جي مالي سهائتا سان لاڳو ڪيو پيو و/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

## اليڪشن ڪمشنر ميرپورخاص جي آفيس ۾ INVR_5 ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي (IDCC) جو اهم اجلاس

رجسٽريشن جي اهميت اجاگر ڪرڻ لاءِ گراس روٽ سطح، خاص طور تي ڳوٺن ۽ پاڙن ۾ مؤثر آگاهي مهم ۽ عملي قدم کنيا وڃن

چونڊ عمل ۾ شموليت کي قومي ذميواري قرار ڏيندي اليڪشن ڪميشن سان ڀرپور سهڪار جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو

ميرپور خاص (بيوروچيف سومارسميجو)ضلعي اليڪشن ڪمشنر ميرپورخاص جي آفيس ۾ INVR_5ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي (IDCC)جو اهم اجلاس صوبائي اليڪشن ڪمشنر سنڌ جي هدايتن تي ضلعي اليڪشن ڪم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

## جشن عيد ميلاد النبي صه جي شاندار ۽ روح پرور تقريب، عالمن، معززين ۽ عاشقان رسول صه جي وڏي انگ ۾ شرڪت

ولادتِ باسعادت جي خوشيءَ ۾ جشن عيد ميلاد النبي صه جي هڪ شاندار، پروقار ۽ روح پرور تقريب منعقد ڪئي وئي

معززين، نعت خوانن، عاشقانِ رسول صه ۽ حُر جماعت سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت

صالح پٽ (غلام نبي ميرجت) صالح پٽ، آردي 186 پرسان ڳوٺ گڙند ۾ وڏيري حاجي حسين بخش بنيرو جي ميزبانيِ هيٺ حضور اڪرم حضرت /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

## پراڻن صوبن ۾ بيروزگاري ختم ٿي وئي هاڻي نوان صوبا تا ٺاهين: راشد محمود سومرو

نون صوبن جو رينگٽ حقيقت ۾ سنڌ جي معدنيات وسيلن جبلن ڪارونجهر، گئس تيل تي نظر آهي

پراڻن صوبن ۾ بيروزگاري ختم ٿي وئي هاڻي نوان صوبا تا ٺاهين: راشد محمود سومرو

ٽنڊوغلام حيدر(رپورٽر)جمعيت علماء اسلام سنڌ جي جنرل سيڪريٽري علامه راشد محمود سومرو ٽنڊوغلام حيدر م پارٽي جي ورڪرز ڪنوي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

## استادن جي کوٽ سبب تدريسي عمل سخت متاثر ٿيڻ جون شڪايتون سامهون آيون

پنج استادن جي بدلين ڪانپوءِ پيدا ٿيل تدريسي کوٽ اڃا تائين مڪمل طور تي ختم نه ٿي سگهي

اسڪول جو هڪ نوجوان ۽ قابل استاد پڻ لاڏاڻو ڪري ويو، جنهن سان عملي جي کوٽ ۾ وڌيڪ اضافو

نئون ڪوٽ (رپورٽ نويد بجير) گورنمينٽ پرائمري اسڪول نئون ڪوٽ ٽائون، تعلقو جهڏو، ضلعو ميرپورخاص، جيڪو تقريباً 1970 ع کان قائم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

## ٺٽي ۾ قومي عوامي تحريڪ کي وڌيڪ منظم ۽ فعال بڻائڻ لاءِ سياسي سرگرمين ۾ تيزي اچي وئي

مڪلي ۾ پيٽي هائوس تي ٿيل اهم ملاقات دوران نوجوان فهاد پيٽي قومي عوامي تحريڪ ۾ شموليت جو اعلان

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ۾ قومي عوامي تحريڪ کي وڌيڪ منظم ۽ فعال بڻائڻ لاءِ سياسي سرگرمين ۾ تيزي اچي وئي آهي. جڏهن ته /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

## قومي ايڪشن پلان تي مؤثر عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي : اي ڊي سي ون

لاڳاپيل ادارا مربوط حڪمتِ عملي تحت ذميواريون ادا ڪن: ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ٺٽو

سمورن لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن گذريل ٽن مهينن جي ڪارڪردگي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) قومي ايڪشن پلان تي مؤثر عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي. لاڳاپيل ادارا مربوط حڪمتِ عملي تحت ذميواريون ادا ڪن: ايڊي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

## ايس ايس پي ٺٽو پاران ضلعي ۾ قائم مختلف CPEC ۽ NON_CPEC منصوبن جو اوچتو دورو

منصوبن جو اوچتو دورو ڪيو ۽ اتي مقرر ڪيل سيڪيورٽي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو

صوبائي حڪومت پاران جاري ڪيل سيڪيورٽي پروٽوڪولز تي مڪمل عملدرآمد ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)ايس ايس پي ٺٽو پاران ضلعي ۾ قائم مختلف CPEC ۽ NON_ CPECمنصوبن جو اوچتو دورو، سيڪيورٽي انتظامن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

## درگاهه حضرت ڏاڏا سنبڪ سوائي مور مبارڪ جو ساليانو عرس مبارڪ ميلو شروع

جنهن ۾ مولودن جي محفل سميت مولوي مير حسن بوهڙ جن وعظ ڪرڻ فرمائيندا

جتي سيڪيورٽي جا انتظام پڻ سخت ڪيا ويا آهن. جيئن ڪو اڻٽوندڙ واقعو پيش اچي نه سگهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) درگاهه حضرت ڏاڏا سنبڪ سوائي مور مبارڪ جو ساليانو عرس مبارڪ ميلو تاريخ 9 سيپٽمبر بمطابق 26 ربيع الاول اربع جي ش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

## هاشم خاصخيلي ڳوٺ جي رفاهي پلاٽ جو تنازعو تصادم ۽ خونريزيءَ جي پاسي وڌڻ لڳو

ڳوٺ هاشم خاصخيليءَ ۾ رفاهي پلاٽ تان هلندڙ پراڻو تنازعو هاڻي جاني تصادم ۽ خونريزيءَ جو سبب بڻجي سگهي ٿو

فئڪٽرين خلاف سخت هڙتال ڪئي ويندي. "تنگ ٿيندا سين ته جنگ ڪندا سين!

ڪراچي (رپورٽر)هاشم خاصخيلي ڳوٺ جي رفاهي پلاٽ جو تنازعو تصادم ۽ خونريزيءَ جي پاسي وڌڻ لڳو يوسي مراد ميمڻ، گڏاپ ٽائون جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

## ٿر پارڪر هن وقت ۾ قحط سالي جو شڪار

دوباره برساتون نه پوڻ جي ڪري فصل سڪي ويا مال جو جهنگ ۾ گاه چارو ختم ٿي ويو

مارو ماڻهن پهرين برسات ۾ اناج لڳائي ٻنيون آباد ڪيون ڪيڙن ۾ هزارين روپيه خرچ ڪيا

مٺي (ڊ_ر محمدرحيم مگريو) ٿر پارڪر هن وقت ۾ قحط سالي جو شڪار دوباره برساتون نه پوڻ جي ڪري فصل سڪي ويا مال جو جهنگ ۾ گاه چارو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

## ميرپورخاص: چوڌري شهزاد قتل ڪيس ۾ فتح محمد لاشاري جي ضمانت منظور

سپريم ڪورٽ جي فيصلي ڪانپوءِ فتح محمد لاشاري کي ضمانت تي آزاد ٿيڻ جو رستو هموار ٿي

چوڌري شهزاد قتل ڪيس ۾ سامهون آيو هو، جنهن بعد ڪيس جو معاملو عدالت ۾ هلي رهيو هو

ميرپورخاص(رپورٽر)چوڌري شهزاد قتل ڪيس ۾ امام علي لاشاري جي پٽ ۽ رئيس صوبيدار لاشاري جي پوٽي فتح محمد ولد امام علي لاشار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

## اوڏيرولال اسٽيشن لڳ ڳوٺ الله بخش ميرجت جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ۾ استادن جي کوٽ خلاف احتجاج

اسڪول ۾ استادن جي کوٽ سبب اسان جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي اسڪول ۾ سوين ٻار داخل آهن

هنن کي پڙهائڻ لاءِ صرف هڪ استاد مقرر ڪيو ويو آهي جيڪا اسان اسڪولي ٻارڙن سان زيادتي آهي

جنهن جو فوري نوٽيس وٺي اسڪول ۾ وڌيڪ استاد مقرر ڪري پريشاني ختم ڪئي وڃي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

اوڏيرولال (رپورٽ ثاقب نور ساهووال) اوڏيرولال اسٽيشن لڳ ڳوٺ الله بخش ميرجت جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ۾ استادن جي کوٽ خلاف شاگردن ۽ ڳوٺاڻن سمير، عبدالوهاب، محمد عثمان ساهووال ۽ ٻين ۾ تعليم ڪاتي متيار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

## دادو ۾ گهر تي قبضي ۽ زرعي مشينري جي چوري خلاف احتجاج، 2 لک ڀُنگ وٺڻ باوجود سامان واپس نه ڪرڻ جو الزام

خداآباد پرسان ڳوٺ گل محمد وارسايو ۾ سندس 10 هزار فوٽ تي قائم گهر موجود آهي

سندس زرعي زمين تان 3 فيز موٽر ۽ لفٽ مشين چوري ڪئي وئي، جنهن جي ماليت لڳ ڀڳ 5 لک روپيا آهي

جيڪڏهن هو 2 لک روپيا ڀُنگ ڏيندو ته چوري ٿيل لفٽ مشين ۽ 3 فيز موٽر واپس ڪرائي ڏيندو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو شهر جي مرڪپور ڪالوني جي رهواسي احمد ملاح پاران گهر تي قبضي، زرعي زمين تان موٽر ۽ لفٽ مشين جي مبينا چوري، 2 لک روپيا ڀُنگ وٺڻ باوجود سامان واپس نه ڪرڻ ۽ موتمار ڌمڪين خلاف د/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

## تعليمي آگاهي لاءِ استادن ۽ شاگردن جي آگاهي ريلي ڪڍي وئي

اسڪولن ۾ ٻارن جي انرولمينٽ ۽ مڪمل حاضري يقيني بڻائڻ تي زور ڏنو ويو

دادو ۾ ڊي اي او ليٽريسي ۽ گورنمينٽ پائلٽ هاءِ اسڪول جي سهڪار سان تعليمي آگاهي ريلي ڪڍي وئي

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنه ) تعليمي آگاهي لاءِ استادن ۽ شاگردن جي آگاهي ريلي ڪڍي وئي. اسڪولن ۾ ٻارن جي انرولمينٽ ۽ مڪمل حاضري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

## نو مسلم علي رضا شيخ جو مائٽن ۽ ٻاڻن جي هراسان ڪرڻ خلاف احتجاج، تحفظ جو مطالبو

اڏيرولعل لڳ ڳوٺ ابوبڪر موروجا جي رهائشي، نو مسلم علي رضا ولد جامن شيخ پنهنجي گهرواري ڪلثوم بنت علي ڏنو شيخ سان گڏجي احتجاج

هڪ سال اڳ پنهنجي مرضي ۽ خوشي سان دينِ اسلام کان متاثر ٿي مسلمان ٿيو هو

پنهنجو مذهب مٽائي واپس هندو ٿيڻ لاءِ طرح طرح جون تڪليفون ۽ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن

اڏيرولعل رپورٽ( ثاقب نور ساهووال ) نو مسلم علي رضا شيخ جو مائٽن ۽ ٻاڻن جي هراسان ڪرڻ خلاف احتجاج، تحفظ جو مطالبو اڏيرولعل لڳ ڳوٺ ابوبڪر موروجا جي رهائشي، نو مسلم علي رضا ولد جامن شيخ پنهنجي گهرواري ڪلثوم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

## بلوچستان جي اڳوڻو وڏو وزير سردار اختر جان مينگل جي ٺٽو مينگل هائوس آمد

معزز مينگل برادري جي ڊاڪٽر عبدالواحد مينگل سان سندس چاچي حاجي غلام رسول مينگل جي وفات تي تعزيت ڪئي

مرحوم جي مغفرت لاءِ مڪلي درگاهه حضرت الحاج علامه محمد هاشم ٺٽوي جي جامع مسجد جي امام ۽ خطيب مولوي محمد ايوب نعيمي جوکيو خصوصي دعا ڪرائي

ان موقعي تي ملڪ جي سلامتي، خوشحالي، امن امان، بيمارن جي صحتيابي ۽ رزق ۾ برڪت لاءِ پڻ اجتماعي دعائون گهريون ويون

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) بلوچستان جي اڳوڻي وزير اعلي، بلوچستان نيشنل پارٽي جي مرڪزي صدر سردار اختر جان مينگل، سابق ايڊوائيزر ٽو سي ايم بلوچستان ڊاڪٽر شهزاد، شفيق مينگل پي اي ٽو سردار اختر جان مينگل، طارق، خضدار بلوچستان کان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

### بيگم نصرت ڀٽو وومين يونيورسٽي سکر ۾ "ينگ وومين ايمپاورمينٽ سمٽ 2026 2.0" جو ڪامياب انعقاد

سکر( بيورو چيف قاسم بيگ ملڪ)صوبائي وزير رانديون ۽ نوجوانن وارا معاملا سردار محمد بخش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

### رورل هيلٿ سينٽر ڏڙو ۾ ڊاڪٽرن، دوائن ۽ ٻين بنيادي طبي سهولتن جي کوٽ

ڏڙو (رپورٽر) رورل هيلٿ سينٽر ڏڙو ۾ ڊاڪٽرن، دوائن ۽ ٻين بنيادي طبي سهولتن جي کوٽ بابت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

## سنڌي قوم کي متحد ٿي پنهنجو پرامن ۽ جمهوري آواز بلند ڪرڻو پوندو: نواز شاهه پاڏائي

20 سيپٽمبر تي نوابشاهه ۾ منعقد ٿيندڙ وحدتِ سنڌ مارچ ۾ وڌ کان وڌ شرڪت ڪري سنڌ سان يڪجهتي جو اظهار ڪن

سنڌ اسيمبلي ۾ عوام کي درپيش مهنگائي، بدامني، بيروزگاري ۽ ٻين بنيادي مسئلن تي سنجيدگي سان بحث ٿيڻ گهرجي

پران جي ابتڙ گذريل ڪجهه ڏينهن کان سنڌ اسيمبلي ۾ نون انتظامي يونٽن جي قيام ۽ سنڌ جي ورهائڻ بابت بحث جاري آهي

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني )جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي وائيس چيئرمين سيد نواز شاهه پاڏائي چيو آهي ته سنڌ جي وحدت، وسيلن جي تحفظ ۽ سنڌ کي ورهائڻ وارين ڪوشش خلاف سنڌي قوم کي متحد ٿي پنهنجو پرامن ۽ جمهور/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33

## تعلقا اسپتال تلهار جو بند پيل تعميراتي ڪم ٻيهر شروع ڪرڻ لاءِ پريس ڪلب تلهار اڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال

اڳواڻن حڪومت خلاف نعريبازي ڪندي بدين ضلعي جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ آواز بلند ڪيو

بدين ضلعو وڏي آبادي تي مشتمل هجڻ باوجود دل جي مريضن لاءِ مناسب علاج جون سهولتون موجود ناهن

جنهن سبب غريب مريضن کي علاج لاءِ حيدرآباد ۽ ڪراچي سميت ٻين شهرن ڏانهن وڃڻو پوي ٿو

تلهار (رپورٽ مختياراحمد ملاح) سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران بدين ضلعي ۾ دل جي اسپتال قائم ڪرڻ، لاڙ ڪيمپس بدين کي يونيورسٽي جو درجو ڏيڻ ۽ تعلقا اسپتال تلهار جو بند پيل تعميراتي ڪم ٻيهر شروع ڪرڻ لاءِ پريس ڪلب تلها/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر34

### سلمان سمون طرفان جشن عيد ميلاد النبي صه ۽ شانِ اهلبيت رضه جي سلسلي ۾ روح پرور محفل

تلهار ( رپورٽر مختياراحمد ملاح ) تلهار سمان هائوس تي واحد بخش سمون طاهر سمون عامر سمو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب35

### بدين جي شهرين قتل جي ڪوڙي ايف آئي آر خلاف جانچ لاءِ پريس ڪانفرنس ڪندي انصاف جي اپيل

بدين ( رجب راهمون ) بدين جي شهرين قتل جي ڪوڙي ايف آئي آر خلاف جانچ لاءِ پريس ڪان/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر36

## سيوهڻ شريف جي درگاهه جا دروازا بند ڪرڻ خلاف تشويش، زائرين کي زيارت جي سهولت ڏيڻ جو مطالبو

سيوهڻ شريف جي درگاهه جي انتظاميا جي مبينا ناانصافين تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو

درگاهه جا دروازا بند هجڻ سبب پري پري کان ايندڙ زائرين ۽ عوام کي زيارت ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

سکر (بيورو چيف قاسم بيگ ملڪ) تحريڪ نفاذ فقهِ جعفريه پاڪستان سنڌ صوبي جي نائب صدر نياز حسين نوناري پنهنجي رهائشگاهه تي پريس ڪانفرنس ڪندي سيوهڻ شريف جي درگاهه جي انتظاميا جي مبينا ناانصافين تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو. نياز حسين نوناري چيو ته درگاهه جا دروازا بند هجڻ سبب پري پري کان ايندڙ زائرين ۽ عوام کي زيارت ۾ سخت مشڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر37

## گرلز ايليمينٽري اسڪول جي گيٽ ٻاهران مبينا قبضو ختم, اسسٽنٽ ڪمشنر جي ڪارروائي

اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ساڪرو نبي بخش سولنگي پاران پنهنجي نگراني ۾ ڊهرائي پٽ ڪيو ويو

علائقي سوشل ميڊيا تي شڪايتن جو نوٽيس وٺندي انتظاميا پاران فوري طور تي هي قدم کنيو ويو

گهارو (رپورٽر) ڏاهيجي جي شيخ عبدالمجيد سنڌي ڪالوني ۾ گرلز ايليمينٽري اسڪول جي گيٽ پرسان مبينه طور تي ڪيل قبضو اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ساڪرو نبي بخش سولنگي پاران پنهنجي نگراني ۾ ڊهرائي پٽ ڪيو ويو علائيَ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر38